انعامي پستڪ

سري گورو نانڪ صاحب
جن جا جيون چرتر - ١

قيمت ١-٠-٠

ساليانو چندو ٥ رپيا هندستان اندر ؛ ٧ رپيا هندستان کان ٻاهر

سال ۾ اٽڪل ستن سون صفحن جا ٽرمي ؛
ٻمڪتي ڪتاب گراهڪن کي ڏجن ٿا.

ڇپائيندڙ:

سک ٽريڪٽ سوسائٽي،
١/٢ سنڌ سيوا سمتي نگر
ڪولهواڙا - بمبئي ٢٢.

The paper for this book is supplied by Titaghar Paper Mills Agent M/s. Girdharilal Davendar Kumar, Bombay at mill rate.

سوچنا

هن پستڪ سان ايشور جي ديا سان سوسائٽيءَ جو هندستان ۾ ڇهون سال شروع ٿيو. هن دفعي سال اپريل کان ٿو شروع ڪجي. گورو نانڪ صاحب جا جيون چرتر- ڀاڱو ١ انعامي پستڪ طور ۽ ڀاڱو ٢ مي ۽ جون مهني جي ٽريڪٽس طور ڏجي ٿو. ڪاغذ جا اگهه جڏهن ٻوڻ ٽڻ وڌي وڃڻ ڪري رسالن ۽ ڪتابن ڇپائڻ وارن لاءِ تمام ڏکي حالت ٿي پئي آهي. انڪري ڪيترا رسالا بند ٿي ويا آهن ۽ ڪيترن وري چندا وڌايا آهن يا صفحا گهٽايا آهن، مگر سوسائٽي جڏهن نہ ڌنڌي جي خيال کان نٿي هلائي وڃي تڏهن اسين نڪو چندو ٿا وڌايون، نڪي صفحا ٿا گهٽايون، اُلٽو هن دفعي تمام اوچو ۽ پڪو ڪم آندو اٿون. اِهو انڪري ٿي سگهيو آهي جو ٽيٽاگهر پيپر ملس جي ايجنٽ مسٽرس گرداري لعل ديويندر ڪمار اسان کي مل ريٽ تي ڪاغذ ڏنو آهي، جنهن لاءِ اسين سندن بلڪل شڪرگذار آهيون. اسين جهڙي نموني پنهنجو فرض پورو ڪري رهيا آهيون، سو گراهڪ پاڻ ڏسي رهيا آهن، هاڻي گراهڪن جو بہ فرض آهي تہ هو پنهنجن مترن دوستن کي سوسائٽيءَ جو ميمبر ڪري هر طرح هن ڌرمي سوسائٽيءَ کي همٿائين جيئن هوءِ آئينده پڻ وڌيڪ ۾ وڌيڪ سندن سيوا ڪندي رهي.

سيڪريٽري

سري گورو نانڪ ديو جن جا
جيون چرتر

باب پهريون

ديش جي دشا ۽ اوتار جي ضرورت

سري گورو نانڪ صاحب جن جي اوتار ڌارڻ کان اڳي ڀارت جي دشا ڏکدائڪ هئي. اُن سمي ڪلجڳ پنهنجو پورن پرڀاءُ ڏيکاريو. ڦورون، چوري ۽ چغل زور پورڻ لڳا. ڪوڙ ۽ ڪپٽ جو ورتاءُ وڌي ويو. مطلب ته چوڌاري پاپ پکڙجي ويو. استرين مان پتورت ڌرم نڪري ويو. پنارن کان وڌ ڪين پيسو پيارو هو. انهن ٿي چاهيائون ته مرد ڪٿان به ۽ ڪهڙيءَ ريت به پيسو ڪمائي اچن. انهيءَ وقت ڪيئن پنٿ ۽ فرقا کڙا ٿيا، جي ايڪا وچان هڪ ٻئي مان عيب ڪڍڻ لڳا. لوڪ سورج، چندرما، جل ۽ اگني ديوتائن کي ايشور سمجهي پوڄڻ لڳا، هو مڙهين ۽ مساڻن کي مڃيندا هئا. هندن جو اعتقاد منترن ۽ جنترن ۾ ڌاريو هو. ٿوريءَ گهٽيءَ ڳالهه ۾ هندن کي سنسو يا ڀرم لڳندو هو. گورو توڙي چيلا پاکنڊ ۾ ڀرپور هئا. لوڪن ۾ گيان ته هوئي ڪو نه.

Printed by Pitamberdas Sahijram, at Kothari Printing Works, Sambava Chambers, Sir Phirozshah Mehta Road, Fort, Bombay, I
Tele: 265315—263988
and Published by Shri Sumairsingh Secretary Sikh Tract Society, 10/1, Sind Sewa Samti Nagar, Kolwada, Bombay, 22.

پرٿويءَ جو بار آهي، سو پڪارڻ لڳو ته ”هي اڪال پرک! منهنجا ٽي پير ٽٽي ويا آهن ۽ هاڻي فقط هڪ پير تي بيٺو آهيان. مونکان پرٿويءَ جو بوجو وڌيڪ سهاريو نٿو ٿئي، تنهنڪري جنهن اڳين جڳن ۾ ڌرم جي رکيا لاءِ اوتار پيدا ٿيا آهن، تنهن هيٺر به اوتار پيدا ڪري ڌرم جي پالنا ڪر.“ پرماتما اها پڪار ٻڌي، سري گورو نانڪ صاحب جن کي لوڪن کي سنئين رستي تي آڻڻ لاءِ جڳت ۾ موڪليو. ڀائي گورداس صاحب انهيءَ بنسبت وار (١) ۾ پؤڙي (٢٣) اچاري آهي، جنهنجو تاتپرج آهي:-

داتار پرڀوءَ ڌرم جي پڪار سڻي گورو نانڪ ديو جهڙي سمرٿ گوروءَ کي جڳ ۾ موڪليو. سچي ستگوروءَ پنهنجن سکن کي سنتن جي چرنن جي خاڪ بخشي ۽ ڪلجڳ ۾ ڪين پار برهم جو درشن ڪرايو. گورو صاحبن چئن ورنن برهمڻ، ڪتري، ويش ۽ سودر مان هڪ ورن بڻايو ۽ ڌرم جا چار ئي پير قائم ڪيا. گورو صاحبن جو اپديش هو ته سڀ جيو ڀائر آهن ۽ سڀني سان نمرتا ڀاءُ سان هلڻ گهرجي. گورو صاحبن ”ست نام“ جو منتر سڻائي ساري جڳ کي تاريو. ڪلجڳ جي جيون جي اڌار لاءِ ئي سري گورو نانڪ صاحب جن هن جڳت ۾ آيا.

صاحبن جو جنم پنجاب ديس جي **تلونڊي** شهر ۾ ٿيو، جنهن کي هاڻي **ننڪاڻا صاحب** ڪري ڪوٺيندا آهن. اهو شهر لاهور کان اٽڪل ٣٠ ميل پري آهي ۽ اتي ريلوي سٽيشن آهي. صاحبن جي جنم جي تاريخ

پرمارٿ جي ٻُوجهه ۾ ڪانه هين. ڀلا! جن جا گورو آنڌا،
سي وري سنئين رستي ڪيئن هلندا؟ رڳو ظاهري ڌرم
جو نالو هو، مگر ماڻهن جي ٻڌي ڀرشٽ ٿيل هئي.
هوڏانهن بادشاهن جي حالت وري اِها هئي، جو رعيت
سان ڏاڍا ظلم ڪندا هئا. جيڪي شاهوڪار هوندا هئا،
تن جو مال زبردستيءَ سان ڦريو ويندو هو. انصاف ملڪ
مان لڏي ويو ۽ جاءِ بجاءِ انياءَ ورتڻ لڳو. قاضي،
جن جي هٿ ۾ عدل جو ڪم هو، سي ويئون وٺي
غريبن جا حق ٻوڙي ڇڏيندا هئا. مطلب ته سڀ الٽو
وهنوار ورتجي رهيو هو.

سري گورو نانڪ صاحب جن انهي زماني جو نقش
مانجهه جي وار پوڙي (١٦) سلوڪ (١) ۾ چڱيءَ طرح
چٽيو آهي، جنهن جو مطلب آهي ته ڪلجگ ڇري آهي
يعني ڪلجگ جي جيون جي ڪرت گويا ڇري آهي.
هو هڪ ٻئي کي کپو ٿا کائين ۽ راجائون ڪاسائي آهن،
ڌرم کنڀ ڪري اڏامي ويو آهي. اماس جي اونده
وانگر ڪوڙ پکڙجي ويو آهي ۽ سچ روپي چندرما ڏسڻ
۾ نٿو اچي ته ڪٿي چڙهيل آهي. مان سچ کي ڳولي
ڳولي وياڪل ٿي پيو آهيان. اگيان جي اندوڪار ۾ ڪو
رستو نٿو ملي. ساري سرشٽي هومئي جي ڪري ڏک ۾
پئي روئي، ٻوءِ ڪهڙيءَ طرح جيون جي گت ٿيندي؟

پارت جي جڏهين اهڙي دردشا اچي ٿي، تڏهين
ڌرم روپي ٻيل، جنهن کي انين چوٽ ۾ ايندو آهي

جو پرڪاش ٿي ويو. جھڙيءَ طرح سورج جي نڪرڻ تي تارا گم ٿي ويندا آهن ۽ اونده ناس ٿي ويندي آهي، جھڙيءَ ريت شينھن جي گجگوڙ ٻڌي ھرڻن جي ٽولي اٿي ڀڄندي آهي ۽ من ۾ ڌيرج نه ايندو اٿن، تھڙيءَ ريت صاحبن جي اوتار ڌارڻ تي اگيان جي اونده ميٽجي ويئي ۽ پاپ ۽ اڌرم ڪنبڻ لڳا.

صاحبن جي پتا جو نالو ٻائي **ڪالو** هو، جو بيدي ڪل مان هو. سندس ماتا جو نالو ماتا **ترپتا** هو. ٻائي ڪالو پنھنجي ڳوٺ تلونديءَ جو پٽواري هو. اهو عھدو هنکي انھيءَ ملڪ جي مسلمان حاڪم **راءِ بلار** کان مليل هو. راءِ بلار آزاد خيالن وارن ماڻھن مان هڪ هو. هو اصل هندو هوندو هو، پر پوءِ ڪنھس ۽ پٽس کي زبان مان ڪن عربي لفظن ڪڍڻ ڪري مسلمان ڪيو هئائون. عام طرح هن جو رخ هندن ڏانھن چڱو هو.

صاحبن جي جنم وقت تي **دؤلتان** دائيءَ ٻائي ڪالوءَ کي اچي واڌايون ڏنيون ۽ چيائينس ته توهانجي گھر ۾ پٽ پيدا ٿيو آهي. اها خبر ٻڌي ٻائي ڪالو گد گد ٿي ويو، ڇو ته هن کان اڳي هنکي فقط هڪ ڌيءَ **نانڪيءَ** نالي هئي ۽ پٽ لاءِ پيو سڪندو هو. ٻائي ڪالو جھٽ پنھنجي پروهت **هر ديال** کي ويلا وٺڻ لاءِ وٺي آيو. پروهت دائيءَ کان اچي احوال ورتو. دائيءَ ويلا ٻڌائي چيو ته "سائين! مون پنھنجي هٿن سان ڪئين ٻالڪ ڄڻايا آهن، پر هھڙو ٻالڪ مون اڃا ڪونه ڏٺو

بابت جنم ساکين ۾ تفاوت آهي. ڪٿرن ۾ ڏيکاريل آهي ته اهو شڀ موقعو سنبت ١٥٢٦ جي ڪتي مهني جي پورنماسيءَ تي جڏهين باقي سوا پهر رات جو رهيل هو تڏهن ٿيو، مگر ڀائي مني سنگهه واري جنم ساکيءَ ۽ ڪن ٻين جهونن جنم ساکين ۾ تاريخ ٣ ويساکه سنبت ١٥٢٦ جي ڏيکاريل آهي. چون ٿا ته ننڪاڻه صاحب ۾ سنبت ١٨٧٢ تائين اهو پورب ڏينهن تاريخ ٣ ويساکه جي ملهائڻ ۾ ايندو هو. هاڻي سکن ۾ عام طرح ڪتيءَ جي پورنماسيءَ وارو ڏينهن ملهائڻ ۾ ايندو آهي.

صاحبن جي پرگهٽ ٿيڻ تي زماني جي حالت ۾ ڦيرو پوڻ لڳو. جئن برسات جي پوڻ سان گرمي گهٽ ٿي ويندي آهي ۽ پرٿويءَ تي ٺار ٿي پوندو آهي تئن ماڻهن مان وڪارن جي تاپش گهٽي ۽ هنن جي هردن تي ٺنڍو ڇنڊو پيو ۽ منجهن ديا، ڌرم، ڪميا، پري وغيره شڀ گڻن جو انگ پيدا ٿيو.

ڀائي گورداس صاحب اهو ذڪر هن ريت ڪيو آهي:

ستگور نانڪ پرگٽيا، مٽي ڌند جگ، ١- چانڻ هوا
جيئن ڪر سورج نڪلتا، تاري ڇپي انڌير ٢- پلوتا
سنگهه، ٣- ٻڪي ٤- مرگاولي، ٥- ڀڄي جاه نه ٦- ڌير ڌرو

ٽات پرج

ستگورو نانڪ ديو جن جي پرگهٽ ٿيڻ تي گيا

١- پرڪاش. ٢- ناس ٿيندي آهي. ٣- گجگو ڪرڻ. ٤- هرڻن جي ٽولي. ٥- ڀڄي. ٦- ڌيرج.

باب ٻيو
ٻال اوسٿا

صاحب اڃا ڪن مهنن جا ٿيا، ته سدائين ٻيا مشڪندا هئا. ڪو به آدمي ٻائي ڪالوءَ جي گهر ايندو هو ته اُن ڏانهن مشڪي ٻيا نهاريندا هئا. انهيءَ ڪري هر ڪو ڪين هنج ۾ ٻهو کڻندو هو ۽ نچائي ٽپائي، ساڻن لاڏ ڪوڏ ڪري، پينگهي ۾ سمهاري ڇڏيندو هو.

ڇهن ورهين جي عمر ۾ ٿي صاحب گهر جا ٿپڙ ٽاڙي گهر مان ڪڍي، وڃي فقيرن کي ڏيئي ڇڏيندا هئا. هڪ دفعي هڪ لوٽو جو هٿ ۾ هون، سو ڪنهن گهر جائو فقير کي ڏيئي ڇڏيائون. جڏهن ماتا ترپتا گهر ۾ هٿين خالي موٽندو ڏٺن، تڏهين صاحب کان پڇائين، ته لوٽو ڪاڏي ڪيوَ، پر جواب ڪو ڪونه مليس. ماتا اچي اها ڳالهه پيئي ڪئي ته صاحب جو چاچو ٻائي لعلو به اوڏيءَ مهل اچي نڪتو. هن سان ماتا لوٽي جي ڳالهه ڪئي. تڏهين ٻائي لعلو صاحب کي چوڻ لڳو ته ”ٻچا! هينئر ٿي گهر کي هٿ ڏيئي اڇي لڳو آهين؛ جڏهن وڏو ٿيندين، تڏهن خبر نه آهي ته گهر جو ڪهڙو حال ڪندين.“ ٻائي ڪالوءَ جي به ڪن تي اها ڳالهه پيئي، سو ڏاڍو اُداس ٿي پنڊت هرديال وٽ ويو ۽ چيائينس ته ”مهاراج! اوهان جيڪي مونکي ٻالڪ جا ڳڻ ٻڌايا، تن مان مونکي ته هڪڙو به دل سان ڪونه ٿو لڳي. باقي هيءَ ڳالهه سا اکين ڏسان ٿو، ته گهر جي هاڃي

آهي. هن جو جنم ٿي گهر ۾ بجليءَ جهڙو چمڪاٽ ٿي
ويو ۽ ٻيون جيڪي گهر ۾ ڏيئا ٻريون تن جي روشنائي
جهڪي ٿي وئي."

پنڊت هرديال لگن وٺي ويچاري چيو ته "ڀائي
ڪالو! تنهنجا ته وڏا ڀاڳ چڱا، جو تنهنجي گهر ۾ ههڙو
بالڪ پيدا ٿيو آهي. هي ڪو اوتار ٿو ڏسجي. هي سڄي
جڳت کي سکيا ڏيندو ۽ جيون جو اڌار ڪندو." اهو
ٻڌي ڀائي ڪالو هيڪاري خوش ٿيو ۽ صبح جو اٿي
هن پٽ تان گهورڙون گهوريون ۽ منگتن کي دل گهريو
دان ڏيئي خوش ڪيائين، جي آسيسون ڪندا ويا.

بالڪ جي جنم جو ٻڌي، صبح سان تلونڊيءَ جون
استريون ڀائي ڪالوءَ جي گهر آيون ۽ اچي ماتا ترپتا
کي واڌايون ڏنائون. پوءِ گڏجي ويهي گيت ڳائڻ لڳيون.
گيت اهڙا سريلا ۽ مٺي لات سان ڳائون جو جنهن نر ۽
ناريءَ اهي ٻڌا ٿي، تنهنجي رڳ رڳ ٻڌي ٺري.

ڇهين ڏينهن پنڊت هرديال صاحب جي چٺي لکي
ڪٽي آيو ۽ ويهي واچيائين. نالو نانڪ رکيائين. ڀائي
ڪالوءَ پنڊت کي چيو ته "هي نئون نالو وري ڪٿان
آندو اٿيئي؟ ڀيا توکي اسانجي ڪل جا هالؤ چالؤ نالا
سجهائي ڪونه ٿي ڄا، جو هي عجيب نالو ڪڍي رکيو
اٿيئي؟" پنڊت جواب ڏنو ته "سائين! اوهان جو هي
پٽر ڪو رواجي انسان نه آهي، هو سورهن ڪلا
سمپورن آهي.

گورو صاحب جڏهين ستين ورهين جي ڄمار جا ٿيا، تڏهن پائي ڪالوءَ کي دل ۾ خيال جاڳيو ته مان هاڻي پڌو اڇي ٿيو آهيان، خبر نه آهي ته ڪيترا ڏينهن وڌيڪ جيئرو رهان، منهنجو پٽ هاڻي پاٺشالا ۾ پڙهڻ جيڏو ٿيو آهي، هو ڪجهه لکڻ پڙهڻ ۽ حساب ڪرڻ سکي، پوءِ ته مان پنهنجي پنگلائيءَ ۾ نواب راءِ بلار کي عرض ڪري، هنکي ڪنهن چڱي عهدي تي لڳائي ڇڏيان. ائين خيال ڪري، هو ڪل جي پنڊت وٽ ويو ۽ چيائينس "مهراج! پنهنجي بالڪ کي پاٺشالا ۾ واڙڻو اٿم، تنهنڪري مهرباني ڪري مونکي ڪو چڱو ڏينهن سوڌي ٻڌايو ته هنکي وديا شروع ڪرايان." پنڊت ڏينهن جاچي ٻڌايو. اُنهيءَ ڏينهن ڪجهه مٺائي گهرائي، پنهنجي سپتر کي پاٺشالا ۾ وٺي ويو. **برجنات** جنهنکي گوپال به ڪري ڪوٺيندا هئا، سو هو پاٺشالا جو پنڊت. هن وٽ پائي ڪالوءَ مٺائيءَ جو ٿالهه رکائي کيس پنهنجي ڇوڪر جي گهڻي پارت ڪئي. پنڊت چيس ته "اوهين ڇنتا آهيو، مان هن ڇوڪر سان دل ۽ جان سان محنت ڪندس ۽ اُميد اٿم ته ٿورن سالن ۾ وڏو ودوان ٿي پوندو." پائي ڪالو پوءِ موٽي گهر آيو. پنڊت صاحبن کي ڪيترا اکر پاڙهڻ لڳو، جي صاحب ٻڌي جلد ئي ياد ڪري ويا ۽ پنهنجو سبق موٽي پنڊت کي هيڪڻ ڪان سواءِ ٻڌايائون. تنهن تي پنڊت ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چو جو سمجهائين ته جي هي ڇوڪرو جلد پڙهي

ڪندڙ آهي ۽ مائٽن کي ڪراس جي لهرن ۾ ڦوٽا کارائيندڙ آهي." پنڊت چوڻ لڳو ته "پائي ڪالو! پرماتما اهڙي مايا پکڙي آهي، جو توهان ڏن جي موه ۾ لپيٽجي هنجي مهما نٿا ڄاڻو. توهين ڌيرج ڌاريو. هنکي ٿورو وڏو ٿيڻ ڏيو ته پوءِ توهان پاڻيهي ڏسندو ته هن جو پرتاپ ڪيڏو نه آهي ۽ ڪيڏا نه جڳو هنکي مڃين ٿا! هنجي مٿان سڀ پڇ چوڙ پيو جهوليندو"

سري گورو مهاراج پنجن ورهين جي ڄمار ۾ ٻارن سان راندروند ڪرڻ ۾ مشغول هوندا هئا. ٻارن جو ساڻن ايڏو قرب هوندو هو، جو جٿان گورو صاحب اُنهن کي چوندا هئا، تئين ڪندا هئا. جيڏانهن جيڏانهن صاحب وڃن، اوڏانهن ڇوڪرا به سندن پٺيان وڃن. جي پاڻ ڊڪن ته ڇوڪرا به ڊوڙڻ لڳن، ۽ جي پاڻ ڪٿي ويهي رهن ته هو به ويهي رهن. صاحب ڪا به ڳالهه ڪٿي ڪندا هئا ته ٻالڪ چوگرد ڪهن وڙهي ويندا هئا، ڇو جو هنن کي هميشه اهو انتظار هوندو هو ته صاحبن جا مڌر وچن ٻڌي، پنهنجن دلين کي ٺاريون ۽ سندن چئي موجب هلي، کين خوش ڪريون. هو صاحبن جي مک مان ننڍڙيون ننڍڙيون ڪٿائون ساڻن ۽ سڀني جون ٻڌڻ لڳا، تنهنڪري آڦي باقي سندن صحبت مان پراپتائي ڪئين هئا. اُئين پيا چاهيندا هئا ته سڄو ڏينهن ۽ رات ساڻن گڏ گذاريون. مطلب ته صاحبن جا جيڏا ۽ سرتا مٽائتن قربان پيا ويندا هئا.

نه ٿورو گهڻو مڙيوئي هن ڇوڪر کي پاڙهيندا رهجو ته
ڪجهه پڙهي سگهي ۽ حساب ڪتاب رکي سگهي. وري
پائي ڪالوءَ صاحبن کي چٽ چوٽ ڪري، پاٺشالا ۾ روانو
ڪيو، پر سندس چت پڙهڻ ۾ لڳيئي نه. صاحب ڪي
ڏينهن مڪتب ۾ ويا ۽ ڪجهه پڙهڻ، لکڻ ۽ ليکو
چوکو رکڻ سکيا. ٿوريئي وقت ڪانپوءِ صاحبن جي دل
پڙهڻ کان صفا کٽي ٿي پيئي. پنڊت پڇين نه ڇو نه ٿو
پڙهين؟ جواب ڏنائون ته ”هي دنيوي علم ڪهڙي
ڪم جو آهي؟ اهو علم سنسار جي بندن کان ڇڏائڻ جي
بدران اُلٽو جيو کي جنجالن ۾ وڌيڪ ٿو ڦاسائي. گهر جي
ته سچو علم پرايون ۽ سچي جا وچن پڙهون. اهڙي
ايشور جي دربار ۾ اسان سان ساٿي ٿيندا. جيڪڏهن
اهڙو علم ٿوهانکي ايندو هجي ته بلاشڪ مونکي پاڙهيو.“
اُنهيءَ وقت صاحبن سري راڳ جو شبد (٦) اُچاريو:-

اُنجو ٽات پرج هيءَ آهي ته موهه کي جلائي اُن مان
ناهيو مس، پنهنجي بڌيءَ کي ڪريو ڪاغذ، پريم جو
بڻايو قلم، ۽ چت کي ليکڪ ڪري، سچي پرماتما جو
نام ۽ اُن جون اَپار صفتون گوروءَ کان پڇي لکو. پوءِ
اُنهن تي ويچار ڪريو. ست نام لکو، اُنجي مهما لکو
۽ بي اَنت ڪرتار جا گڻ لکو. اهڙو ليکو جيڪڏهن
لکي ڄاڻو ته مونکي به سيکاريو، ڇو جو جڏهين درگاهه
۾ ليکو ٿيندو، تڏهن اهو ئي ليکو سچو نشان يا پروانو
ٿيندو. مطلب ته اُنجي ڏيکارڻ سان سائينءَ وٽ وڃڻ

پوندو ته پٽس کان انعام به چڱو ملندم. پڇي ڏينهن
صاحب پاٺشالا ۾ ويا. پنڊت چيين ته ويهي پٽي تي اکر لک.
تنهن تي صاحبن پنڊت کي چيو ته "سائين! جهڪي
اکر اوهين مونکي لکڻ لاءِ چئو ٿا، تن جو مطلب ته ڏيا
پالي ٻڌايوم." پنڊت اُتر ڏنو ته "مطلب وري منجهن
ڪهڙو اچي موُڙهو آهي؟"

تنهنتي صاحبن راڳ آسا ۾ "پٽي" اُچاري، جنهن ۾
هر هڪ اکر ڏئاران سنڌر اُپديش ڏنائون. صاحب
جڏهين سڀي آئيويتا جو مطلب ٻڌائي رهيا تڏهين
پنڊت جون پيهون ئي مڙجهي ويئون. هو عجب وچان
ڪجهه ڪڇي نه سگهيو، جو سمجهائين ته صاحبن جو
انيڪ ڪليل تو ڏسجي. پوءِ صاحب پنڊت کان موڪلائي،
سڪول جي وقت پوري ٿيڻ کان اڳيرو گهر آيا. ماتا
گود ۾ کڻي سمجهائڻ لڳين ته "پٽ! ڏس، هي وقت
آهي تنهنجي پڙهڻ جو. جهڪڏهن تون دل لائي
پڙهندين ته توکي سٺا سٺا ٻول به ڏبا؛ اُچا ڪپڙا به
وٺي ڏبا." صاحبن مانُ ڪري ماتا کي پٺي ٻڌو.
سانجهيءَ جو پنڊت پائي ڪالوءَ وٽ آيو؛ اچي چيائينس
ته "توهانجي پٽ کي منهنجي پاڙهڻ جي ضرورت
ڪانهي. هي ڪو ايشور جو اوتار تو ڏسجي. اڄ جيڪو
اکرن مان مطلب مونکي ڪڍي ٻڌايائين، سو ته مونکي
ڪڏهن چت ۾ به نه هو." پنڊت جي ايتري چوڻ به
پائي ڪالوءَ تي ڪو اثر نه ڪيو، پاڻ تاڪيد ڪيائينس

جيڪڏهين تون ڪرت ڪار کي لڳندين ته من ۾ وندرنده
۽ ماڻهن جي گلا کان ۾ اسين ڇٽي پونداسين. تنهنڪري
منهنجي صلاح آهي ته تون جهنگ ۾ ڳائون ۽ مينهون کي
وٺي چار." پتا جي مرضيءَ موجب صاحب ٻئي ڏينهن
صبح جو ڳائيون ۽ مينهون پاڻ سان وٺي چارڻ ويا. ڪجهه
پنڌ ڪرڻ کانپوءِ ٿڪ ٿيا. اونهاري مهل تڏي هير پئي
لڳي، تنهنڪري زمين تي ٿوري وقت لاءِ آهلي پيا
ته ننڊ اچي وين. تن وچ ڳائين ۽ مينهن پر واري
زميندار جي ٻنيءَ پوک ۾ ساري ڪري ڇڏي. مالڪ
جڏهين ٻنيءَ تي آيو، تڏهين ڏٺائين ته پورن سڄي
ٻني نقصان ڪري ڇڏي آهي. هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين
ته ڏسان ته پورن سان ڪو ماڻهو آهي يا نه. آخر ڏٺائين
ته هڪڙو ڇوڪر ستو پيو آهي ۽ سمجهيائين ته اهو پورن
سان گڏ ٿو ڏسجي ۽ ان جي غفلت کان مونکي هيڏو
ڇيهو رسيو آهي. هن ڇوڪر کي اٿاري، ڏاڍيءَ ڪاوڙ
مان چيائينس، پر سانت سروپ گرو صاحب چوڻ لڳا
ته ڪرتار ڪندو ته تنهنجي ٻني اسري پوندي ۽ منجهس
چڱو فصل ٿيندو. ٻنيءَ جي مالڪ سمجهيو ته مون سان
ڇوڪرو مسخريون ٿو ڪري، سو اڃا کان به وڌيڪ
ڪاوڙيو ۽ صاحبن کي ٻانهن کان جهلي راءِ ٻلار وٽ آيو
۽ اچي هنکي پوک جي نقصان بابت دانهن ڏنائين. راءِ ٻلار
جو پيار صاحبن لي ڏاڍو هوندو هو، بلڪ منجهن سڌا
هوندي هيس، تنهنڪري ڪومل زبان سان صاحبن

۾ ڪا روڪ ڪانه ٿيندي.

جڏهين ڀائي ڪالوءَ ڏٺو ته صاحب وڌيڪ پڙهڻ جي نٿا ڪن، تڏهن هڪڙي ڏينهن ڏک وچان راءِ بلار سان وڃي ڳالهه ڪيائين. هن دلداري ڏنيس ته جيڪڏهين تنهنجو پٽ فقط فارسي سکي پوي ته مان هنکي نوڪانپوءِ پٽواري ڪندس، ڇو ته دفتر جي ٻولي فارسي آهي. انهيءَ تي ڀائي ڪالوءَ کي آٿت آيو؛ پٽ کي چٽ ٻڌي، دم دلاسا ڏيئي، مدرسي ۾ ملان رڪن الدين ملي وٽ وهاريائين. ملي صاحب کي ا ب پ ت...... پڙهڻ لاءِ چيو. تنهن تي صاحب فارسيءَ جي هر هڪ اکر تي شبد ٺاهي ٻڌايو. اهو ٻڌي ملو عجب ۾ پئجي ويو.

هن ڪانپوءِ ڪجهه وقت صاحب مستانن وانگر اڪيلو گذارڻ لڳا. شهر جي ٻاهران هڪ وڻ هيٺ وڃي رهندا نڪي ڪنهن سان ڳالهائين ٻولهائين، نڪي ڪنهن ڏانهن ڪنڌ مٿي ڪڻي نهارين. پنهنجي موج ۾ ئي رهندا هئا گهر ۾ اچن ته به سن ۾ رهن. مائٽ ڪين سمجهائڻ لڳي ته انهيءَ طرح هلڻ ڪري ماڻهو الاجي ڇا جو ڇا پيا چوندا ڀائي ڪالوءَ کي به اها حالت ڏسي گهٽتي ويڙهي ويئي خيال ٿيس ته هاڻ هنکي ڪنهن مشغوليءَ ۾ لڳايان، سو ويچار پئي ڪيائين ته ڪهڙيءَ ڪرت ۾ لڳايانس.

آخر هن ٺهراءُ تي آيو ته حال هنکي جهنگ ۾ ڳئون چارڻ جي ڪم تي رکان. پٽ کي چيائين ته "ٻچا

نانگ چوڪري کي ڏنگي نه وجهي ۽ تنهن ڪري پنهنجي گهوڙي کي ڀڄائڻ لڳو ته جلدئي پهچي نانگ کي پري هٽايان. سندس اچڻ ڪري نانگ ڀڄي ويو. جڏهن ويجهو آيو ۽ چڱيءَ طرح ڏٺائين ته اهو چوڪر منهنجي پٽواريءَ جو پٽ آهي، تڏهن گهوڙي تان اُماڪ لهي صاحب کي جاڳايائين، ۽ کين گلي لڳائي، ساڻن ڏاڍي چوج ۽ پريم سان مليو. پوءِ صاحب کي ساڻ ڪري گهر ڏانهن موٽيو ۽ پائي ڪالوءَ کي گهرائي چيائين ته "تون ڪو وڏو ڀاڳوان آهين، جو تنهنجي گهر ۾ هڙو سپتر پيدا ٿيو آهي. تنهنجو پٽ ڪلاوان ٿو ڏسجي. هو جيڪڏهن سنساري ڪمن ۾ چاهه نه رکي ته هن سان ڪڏهين به نه ڏمرجانءِ." پوءِ مٺين وارتا ڪري پڌايائينس ۽ گهڻيون واڌايون ڏنائينس. راءِ بلار اهو ورتانت جاءِ بجاءِ پڌرو ڪيو ۽ سندس سرڌا صاحب ۾ تنهانئي وڌي.

باب ٽيون

گورو صاحب جو جڻيو ۽ ماتا نانڪيءَ جو وواهه

جڏهين صاحب نون ورهن جي ڄمار جا ٿيا، تڏهين پائي ڪالوءَ کي خيال ٿيو ته هاڻ ڪل جي ريت موجب پنهنجي پٽ کي جڻيو پارايان. ڏينهن مقرر ڪري اُنهيءَ سنسڪار لاءِ گهربل سامگري گهرايائين ۽ اُنهيءَ ڏينهن سڀني نيائين کي نيمنڊ ڏني، مال مليدا تيار ڪرايائين. برادريءَ وارا ۽ پڻ ڳوٺ جا ٻيا ماڻهو اچي ڪٺا ٿيا. وچ پنڊت

کان پڇڻ لڳو ”بچا! هن غريب زميندار جي ٻنيءَ
لهڻجي غفلت کان پيلجي ويئي آهي ڇا؟“ صاحبن جواب
ڏنو ته ”ٻنيءَ کي ڪوبه نقصان ڪونه رسيو آهي.
جيڪڏهن ڪنهنکي اِنهيءَ باهت خاطري ڪرڻي هجي
ته پاڻي هلي ڏسي.“ لهڻتي راءِ ا ر - مڃن ٻن - چاهين
کي چيو ته وڃي ٻني ڏسي اچو ته ڪهڙي حال ۾ آهي.
هنن ڏسي اچي چيو ته ”سائين! ٻنيءَ جو هڪ ٻن به نه
ضربيو آهي. ٻوڪ سرسبز ٻيٺي آهي ۽ مڃهس ڪنهن
به جانور پيل ڪاله کٽي نه ڏسجي.“ ويچارو زميندار
عجب ۾ پيو ته هي ڇا ٿا چون. هنن جي چوڻ تي اعتبار
نه آيس، سو پاڻ سرزمين تي ويو ۽ اُتي جڏهين پهتجي
اکين سان ٻني سائي وڃي ڏٺائين، تڏهين عجب ۾
پئجي ڏڻيءَ جي قدرت ساراهڻ لڳو. هن وقت کانپوءِ
راءِ بلار جي سرڌا صاحبن ۾ وڌيڪ تيڻ لڳي.

وري ٻئي دفعي اونهاري جي ڏينهن ۾ جڏهين
مڃهند جي گرمي نهايت زور هئي، تڏهين صاحب ڳائين
۽ مڃهن چاريندي، هڪ وڻ هيٺان سمهي رهيا ۽
ڪجهه وقت ننڊ اچي وين. سج جي ڦيري ڪارڻ
ڪري وڻ جي ڇانو صاحبن تان لهي ويئي. اوڏيءَ
مهل هڪ واسينگ نانگ صاحبن جي مٿان ڦڻ ڪيئي،
ڇانو ڪري بيٺو. راءِ بلار اُن وقت شڪار تان موٽيو تي
ته ڏٺائين ته هڪ ڇوڪرو ستو پيو آهي ۽ مٿانئس
نانگ ڦڻ ڪيئي بيٺو آهي. هن کي خيال ٿيو ته مٿان

لڳا تہ ”ھي پنڊت! ھن وقت جو حال ڪھڙو اچي
بڻيو آھي، جو جتوڻيڪ ماڻھو بي شمار چوريون ڪڍي
ڪن، ڪيئن وڀچار جا ڪم ڪڍي ڪن، لکہ ڪوڙ ڪڍي
ڳالھائين، وائان گاريون گند ڪيڏن، بي انت ننگيون
ڪڍي ڪن ۽ رات ڏينھن ٻڇڙن ڪمن ۾ مشغول رھن، تہ
بہ توھين انھن جي ڳچيءَ ۾ جڻيو ٿا پايو ۽ انھيءَ شيءِ
موقعي تي اوھانجا ججمان پاڻ بہ ڪنل پڪر ٿا ڪائين
۽ پنھنجن نمائن کي بہ ٿا ڪارائين. جڏھن ڪرم ئي
سندن اھڙا آھن، تڏھين جڻيءَ پائڻ ڪري ھنن جو نيتارو
ٿي پوندو ڇا؟ تنھن ڪانسواءِ توھانجو جڻيو آھي وري
ڪھڙو، جو جڏھن ميرو ٿئي تہ لاھي ٻيو پائڻو
پوي. جي اوھان جي جڻيءَ ۾ سچي ٻچي طاقت ھجي
تہ ھوند نڪي ميرو ٿئي، نڪي ٽٽي، جنھنڪري اُنکي
بدلائي پائڻ جي ضرورت ئي نہ ٿئي.

پنڊت ويچارو ٿيءَ ۾ پئجي ويو تہ ڪيئن صاحبن
کي باز آڻيان، ڇاڪاڻ جو دل ۾ ويچار ڪيائين تہ اڄ
جڏھين صاحب اھا رسم انگيڪار نہ ڪندا تہ آئينده
ٻيا بہ ڪيترا ڪين ڏسي سندن پيروي ڪندا. تنھنڪري
موٽي صاحبن جي سنمک ٿي چوڻ لڳو تہ ”ٻچا! تون
اڃا ڪالھوڪو ٻار آھين. ھيءُ جڻيءَ جو سنسڪار پوم پرا
کان ھلندو آيو آھي. ھيءُ ويدن جو ٻڌايل ڪرم آھي.
انھيءَ ڪان پاڻ ڪو موڙي سگھندو؟ ٻيو بہ ويچار ڪري
ڏس تہ تنھنجا ابا ڏاڏا، جي اھا ريت ونندا آيا آھن،

هردیال به اچي ويٺو. صاحبن کي آڻي اُنجي اڳيان
وهاريائون. پنڊت هون وغيره ڪري صاحبن جي ڳچيءَ
۾ جڻيو ٿي وڌو ته صاحبن هٿ کان جهلي چيس ته
"مهراج! ٻيرياڻين مونکي ٻڌايو ته سهي، ته جڻئي پائڻ
مان فائدو ڪهڙو آهي." پنڊت جواب ڏنو ته "ٻچا!
هيءَ هڪڙي هندو ڌرم جي خاص نشاني آهي. ڪوبه
شڀ ڪارج هن سنسڪار بنا قبول ڪانه ٿيندو. جيڪڏهين
هيءُ سنسڪار نه ڪرائجي ته چوگرد ايڪو ورن ٿي ويندو
يعني برهمڻ، کتري، ۽ ويش سڀ شودرن جي سمان
ٿي ويندا ۽ ٻيريان ٽئي ورن پنهنجن مقرر ڪمن فرض
پالڻ کان باز رهجي ويندا. تنهن کانسواءِ جڻئي جي پائڻ
ڪري هن جهان ۾ به جس ۽ پرلوڪ ۾ به درجو ملندو."
تڏهين صاحبن اُتر ڏنو ته "پنڊت جي! ڪرپا ڪري
مونکي ٻڌايو ته جڻئي پائڻ ڪري هردو به شڌ ٿئي ٿو
ڇا؟ توهانجي چوڻ جو مطلب اِئين آهي ڇا ته اِنسان
ڪهڙا به برا ڪرم ڪٿي ڪري، ته به جڻئي پائڻ ڪري
هو اُتم آهي؟ ڀلائي ڪري مونکي ٻڌايو ته جيڪڏهين
ڪو برهمڻ يا کتري ڪڪرم ڪري ته اُنهيءَ کي اوهين
هوند برهمڻ ۽ کتري سڏيو يا چنڊال؟ پنڊت جي!
پرلوڪ ۾ مان پائڻ اُتم ذات يا جڻئي پائڻ تي منحصر نه
آهي، مگر شڀ ڪرمن تي ئي اُنجو مدار آهي. اُنهي
وقت صاحبن سري آسادي وار پوڙي (١٥) سلوڪ
(٢) اُچاريو، جنهن ڏاران صاحب پنڊت کي سمجهائڻ

تنهن ڪانسواءِ اي پنڊت! جڏهن هي جيو پران تياڳي
ٿو، تڏهين جڻيو ڪاڏي وڃي ٿو؟ اهو پوي ٿو اڳين ۾
۽ جيو جڻئي ڪانسواءِ آڌرمي ٿي پرلوڪ ۾ وڃي ٿو.
پوءِ ڇو نه جڻيو هنجي ڪهڙي ڪم آيو؟ تنهنڪري
مهراج! توهين، جو سُت جو ڌاڳو وٺي ماڻهن کي پايو ٿا،
سو اِها ريت ڇڏي ڏيو؛ اِن مان ڪجهه، هڙ حاصل نه
ٿيندو. لوڪن کي سچي جڻئي پائڻ جي مريادا سمجهايو."
پنڊت پڇيو ته سچو جڻيو اوهين ڇا کي ٿا چئو؟ تنهنتي
صاحبن سري آسا جي وار پؤڙي (١٥) سلوڪ (١) اُچاريو،
جنهن ديئاران صاحب پنڊت کي چوڻ لڳا ته اوهين
سُت جي جڻئي ناحق ڪاڻ پهريائين ڪپهه ٿا خريد
ڪريو، پوءِ اُنهيءَ ڪپهه مان سُت ٿا ناهيو؛ سُت کي
وَٽي ڏيو ٿا ڳنڍيو؛ پر سچي جڻئي پائڻ ڪاڻ ديا جي
ڪجي ڪپهه، سنتوکه جو ڪجي سُت، اندرين کي
روڪڻ جي ڏجي ڳنڍ؛ سَت مارگ تي هلڻ جو ڏجي
وٽ. اهڙو جڻيو نڪي ٽٽندو، نڪي ميرو ٿيندو؛
نڪي اڳ ۾ هاب ٿيندو. جيڪي انهيءَ قسم جو جڻيو
پائين ٿا، سي ٿي ڌن آهن.

صاحبن جا وچن ٻڌي، پنڊت وسمئه ۾ پئجي ويو
۽ پائي ڪالوءِ؛ سنڌس ڪٽنبين کي چيائين ته "هيءُ
ڇوڪر مهنجي سمجهائڻ جو نه آهي؛ توهانجي چوڻ
جو ٻارڪو ڳرو لڳندس ته خبر نه آهي." تنهنتي جيڪي
پريا مڙس اُلي وينا هئا، سي صاحبن کي چوڻ لڳا ته

سي ڪي ٻي سمجهه ڪين هئا. جيڪڏهين جٺو ن
پائيندين ته ماڻهو توکي آدمي ڪوٺيندا." ٺنهنتي
صاحبن سري آسا دي وار پؤڙي (١٥) سلوڪ (٣
اچاريو، جنهنجو ارٿ هيءُ آهي ته پرماتما جي نام
مچڻ ڪري عزت جي ڪپهه اُپڻ ٿئي ٿي ۽ پرماتم
جي نام ساراهڻ ڪري سچ جو سٽ تيار ٿئي ٿو. اهڙي
سٽ مان تيار ڪيل جٺيو پائڻ ڪري درگاهه ۾ داخل
ملي ٿو ۽ اهڙو پوتر جٺيو ڇڇندو ئي ڪين.

صاحبن وري پنڊت تي پورو پورو اثر وهارڻ لا
سري آسا دي وار پؤڙي (١٥) سلوڪ (٤) اچاريو
جنهن ۾ برهمڻ کي چيائون ته "اي پنڊت جي
جيڪڏهين اوهين چئو ته جٺيو هرو ڀرو ضروري آهي
ته پلا ٻڌايو ته پرشن کي ته اوهين جٺيو پايو ٿا، پر استرين
کي ڇو نٿا پايو. استرين ۾ پرشن جهڙو ساهه نه آهي
ڇا؟ جيڪڏهين جٺيو نه پائڻ ڪري آدمي ٿي پئبو
ڇو استرين کي آدمي ٿيڻ ٿا ڏيو؟ هينئڪي سودر پڻ
جي حالت کان ٻاهر ڇو نٿا ڪيو؟ ٻي ڳالهه، ته اوهين
جٺيو پايو ٿا رڳو ڳچيءَ کي، پلا ٻڌايو ته ٻين، هٿن
زبان ۽ اکين کي ڇا پائيندا؟ جٺيو گهر جي سيڪنهن
عضوي لاءِ يعني هٿن کي ٻين ڪمن ڪرڻ کان روڪجي
پيرن کي ڪمارگ ۾ وڃڻ نه ڏجي، اکين کي پر استري
۽ پرائي ڌن جي درشٽيءَ کان دور رکجي ۽ زبان سا
سچ ٻولجي، مٺو ڳالهائجي ۽ پرميشور جو نام جپجي

ڪئي، جنهن تي هنڪي اِها مائٽي وٺي ۽ پنهنجي نماڻيءَ
جو مڱڻو اُلي ڪرائين. ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ ڀائي جئرام
جو ٻيءَ ڀائيءَ ۾ **مانند** سلطانپور منجهان وڏيءَ ڌام ڌوم
سان جڃ وٺي تلونديءَ آيو، جتي ڀائي جئرام جو
نانڪيءَ سان وواهه ٿيو. پوءِ ڀائي جئرام پنهنجي اِستري
سميت سلطانپور ۾ رهڻ لڳو.

باب چوٿون

صاحبن کي ويراڳ

هن ڪانپوءِ صاحبن جو چت سنساري ڪمن ڏي
وريو ئي ڪين ٿي. ڀائي ڪالوءَ ڪيترا ڏينهن ته پنهنجي
پٽ کي ڇڏي ڇڏيو ته جئن وڻيس تئن ڪري؛ پر
وري به پٽ کي دنيوي اوج تي رسائڻ جو خيال منس
غالب ٿيندو ويندو هو. پٽ کي هڪڙي ڏينهن وٺي
چت ڪيائين ته "ابا! ڏس ته جيڪڏهين تون بيڪار
رهندين ته ماڻهو ڇا چوندا؟ ڪير اسان سان مٽي مائٽي
ڪندو؟ منهنجو نالو هيتري هن شهر ۾ مشهور آهي، اهو
به ٻڏي ويندو. پٽ اهو، جو پنهنجي ڪل جو نالو
ڪڍي. تنهنڪري تون منهنجو چيو مڃ ۽ دنيوي
ماڻهن وانگر همت ڪر. جيڪڏهين توکي کيتيءَ جو
ڪم وڻندو هجي ته مان توکي کيتيءَ ۾ لڳايان. پر
جيڪڏهين کيتيءَ جو ڪم توکي نه وڻندو هجي ته مان
توکي هٽ ڪڍي ڏيان. جيڪڏهين توکي هٽ به پسند
نه هجي ته مان توکي پئسا ڏيان ته تون وڃي ڪڏهن

"ابا! هيءَ ڪل جي رهڻ پراڻن ڪان هلندي آئي آهي. ڪل جي مرجات رکڻ کپي. توکي گهر جي ... ڀيءَ کي نراس نه ڪر." پر صاحبن هنکي ٻه لاجواب ڪري ڇڏيو.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ ڀائي ڪالوءَ پنهنجي نياڻيءَ نانڪيءَ جي مڱڻي جو سعيو ڪيو. هڪڙي ڏينهن ڀائي **جئرام** نالي هڪ کتري، جو **سلطانپور** جي **نواب دؤلت خان** وٽ روينيو عملدار هو، سو تلونديءَ ۾ داڻه بنديءَ جي ڪم ۽ ڍلن وصول ڪرڻ لاءِ آيو شهر جي ٻاهران کوهه تي نانڪي ڏٺائين، جا هنکي پسند پئي. پوءِ اُنجي ڪل بابت پڇا ڳاڇا ڪيائين. جڏهين خبر پيس ته وڏي ڪل منجهان آهي ۽ کتري ورڻ جي آهي، تڏهين خيال ٿيس ته منهنجو وهانءُ هن سان جيڪر ٿئي ته چڱو. هو راءِ بلار کي وڃي گڏيو ۽ هنکي پنهنجي من جي مراد ٻڌايائين، جو خبر هوس ته ڀائي ڪالوءُ راءِ بلار جو پٽواري آهي ۽ اُنجو زور مٿس هلي سگهندو. راءِ بلار، جو ڀائي جئرام جي ڪٽنب ۽ لياقت جو اڳيئي واقف هو، تنهن ڀائي ڪالوءَ کي ڳالهين تان ڳالهيون ڪندي چيو ته "جئرام نواب دؤلت خان وٽ هڪ وڏو عملدار آهي ۽ ڏاڍي هلنديءَ وارو آهي جيڪڏهين تون پنهنجي ڪنيا جو سڱ هنکي ڏيندين ته چئبو ته تو پنهنجي نياڻيءَ لاءِ لائق ور چونڊيو." پوءِ ڀائي ڪالوءَ اِنهيءَ مانئيءَ لاءِ وڌيڪ پڇا ڳاڇ...

همت ڪٿي آهي. مونکي پرماتما ڪمتي، واپار ۽ نوڪريءَ جا فائدا اڳيئي بخشي ڇڏيا آهن، پوءِ ڇا جي لاءِ اوهين متو ٿا هڻو؟" پائي ڪالو چوڻ لڳو ته "مون نه اهڙو ڀڳوان ڪونه ڏٺو آهي، جو اهڙيون بخششون ڪري!" گورو صاحب چوڻ لڳا ته "جن پرماتما جو درسن ڪيو آهي، سي ئي سندس قدر ڄاڻن ٿا."

پائي ڪالوءَ انهن لفظن تي ڪو به ڌيان نه ڏنو ۽ وري به ڪيترن نمونن جي سمجهاڻين ڏيڻ سان صاحبن کي پنهنجي خيال تي آڻڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر اُن مان ڪجهه به ڪين ڪيو. آخر ٿڪ ٿي صاحبن کي ڇڏي ڏنائين.

ماتا ترپتا ڏٺو ته صاحب پيءُ جي چوڻ تي نٿا مڙن، تڏهن ويجهو ٿي ڳراهٽڙي پائي پٽ کي چوڻ لڳي ته "بچا! اسانکي تنهنجي ڪنهن ڪارڻ جي ڪا گهرج نه آهي. اسانکي ڀڳونت سڀڪجهه ڏنو آهي. پر ويچار ڪري ڏس ته تنهنجن هنن افعالن سان آءٌ شريڪن ۾ ڪنڌ ڪيئن مٿي ڪڍي سگهنديس؟ ماڻهو توکي الاجي ڇا ڇا ڪوٺين. اُنهن جي واتان گهٽ وڌ لفظ ٻڌي، منهنجو هينئون گهڙي ٿو وڃي. اسان گرهستين جي ڪم ڪار ڪانسواءِ ڪا سري سگهي؟ جيڪڏهين تون ڪرت کي لڳندين ته ماڻهو توکي ڪتندڙ ڪمائيندڙ ڏسي تنهنجي لاءِ مانئيون چوندا. تنهنڪري منهنجي هڪڙي ڳالهه ٻڌ ته ڪجهه وقت ڀڳتي ڇڏي ڏي ۽

ڏورانهين ديس ۾ گهوڙن جو واپار ڪر." صاحب کي نه
اهي دنيوي ڌندا ڪرڻا نه هئا تنهنڪري ماٺ ۾ رهيا.

تنهن تي پائي ڪالوءَ ڏاڍو نراس ٿي چيو ته "تون
اسانجي لاءِ جهڙو تهڙو نه ٿيين. توکي ڪا ڳالهه
ڪانه ٿي وڻي. هيترا ڌندا توکي ٻڌايم ته من ڪنهن ۾
چت لڳئي، پر ڏسان ٿو ته توکان ڪي ڪين پڄندو.
هاڻي توکي هيءَ پڇاڙيءَ جي صلاح ٿو ڏيان ته توکي
جيڪڏهين ٻيا ڌندا نٿا وڻن ته وڃي سرڪاري نوڪري
ڪر. تنهنجو ڀيڻيويو جئرام نواب دولتخان جو هڪ
مکيه عملدار آهي. اهو توکي ڪنهن چڱي نوڪريءَ ۾
لڳائي ڇڏيندو. مان سمجهان ٿو ته توکي اهو ڪم پسند
ايندو. جيڪڏهين منهنجي اها صلاح به نه ورتيءَ ته
چئبو ته توکي ڪا ڪرت ڪرڻي ڪانه آهي؛ رڳو مستانو
ٿي فقيرن جي صحبت ۾ گهارڻو آهي. جي ڪرت نه
ڪندين ته تون سڀني ڪٽنب کي داغ لڳائيندين."
جنهنتي صاحب فرمايو ته چت لڳائي پرماتما جي چاڪري
ڪريو؛ من ۾ نام ناراڻ جو ڪم ڪريو. ٻين ڪمن
کي ڇڏڻ جي ڪوشش ڪريو ته سڀڪو ڏن ڇوي.
پوءِ پرماتما توهان لئي ڪرپا درشٽيءَ سان نهاريندو ۽
توهان جو چهرو ڇٽوڻو ٻهڪندو."

پائي ڪالوءَ وري به پٽ کي چيو "ٻچا! هي وهمي
خيال ڇڏي ڏي. ڪرت ڪار ڪانسواءِ انسان ڪو سونهن
ڪو جڙي؟" صاحب جواب ڏنو ته "مون سڀني ڪرت

گذاريان ٿو، سو هن قسم جو آهي، جو ڪما آهي منهنجي
ماتا، سنتوش آهي منهنجو پتا، سچ آهي منهنجو چاچو،
پرماتما سان پريم رکڻ آهي منهنجو ڀاءُ، پيار آهي منهنجو
پٽ ۽ صبر آهي منهنجي ڌيءُ. اهڙي ڪٽنب مان ٿي
مونکي سواد اچي ٿو ۽ اهي منهنجي سهائتا ڪن ٿا."
ڀائي ڪالوءَ، ماتا ترپتا ۽ ڀائي لعلو، صاحبن جا مٺان
دليل ٻڌي ڏاڍا مايوس ٿيا جو سمجهائون ته هي ڇوڪر
اسانجي هٿ اچڻ جو نه آهي.

هن ڪانپوءِ صاحب چپ چاپ رهڻ لڳا. نڪي ڪنهن
سان ڳالهائين ٻولهائين ۽ نڪي کائڻ پيئڻ ڏانهن ٿي روح
ٿئين. ماتا ترپتا کي خيال ٿيو ته الاجي ڇو منهنجو
پٽ نٿو کائي پيئي. هوءَ اچي پٽ کي سمجهائڻ لڳي
ته "منڙا! ڇو تو کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏنو آهي؟ جيڪڏهين
ڪنهن به شيءِ لئي دل ٿيندي هجئي ته مونکي ٻڌاءِ
ته مان اهڙا لوڪي ٿاهي ڏيان، جي سرير خوش نه هجيئي
ته تنهنجي ڦڪي ستيءَ لاءِ اپاءُ ڪريان."

صاحبن کو به جواب ماتا کي نه ڏنو. پوءِ ماتا ترپتا
منهنجي پتيءَ کي چيو ته "مان ڏسان ٿي ته نانڪ هميشه
اداس ٿو گذاري ۽ ضعيف ٿيندو ٿو وڃي. خبر نه آهي
ته کيس اندر جي پيڙا اٿس. صلاح پري ڳالهه آهي ته
منهنجو علاج ڪجي." ماتا ترپتا جو چوڻ ڀائي ڪالوءَ
ٻڌو ۽ اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو، جو سمجهائين ته علاج ڪرڻ
۾ ڪجهه خرچ اچي ويندو. جڏهن کي ڏاڍا صاحبن

سمساري ماڻھن وانگر رهت رهه." تنھنتي صاحبن
هيٺيون شبد اُچاريو:-

راڳ- آسا محلا پهلا شبد (۲)

آکان جيوان وسري مر جاءِ
آکڻ اؤکا ساچا ناءِ
ساچي نام ڪي لاڳي ڀُوکهه
تت ڀُوکيءِ کاءِ چليئهه دوکهه
سو ڪيئن وسريءِ ميري ماءِ
ساچا صاحب ساچيءِ ناءِ.

ارٿ - هي اَمي! مان نام جپيان ٿو ته جيئان ٿو ۽ جڏهين نام وساريان ٿو ته مري ٿو وڃان. پر سچو نام جپڻ آهي اؤکو ڪم. جنکي سچي نام جي بک آهي، تنھنجا دک نام جي بک هيٺ ڪري دور ٿين ٿا. پوءِ اَمي! چؤ ته مان ڪيئن نام وساريان؟ مالڪ ٻي سچو آهي ۽ هنجو نالو ٻي سچو آهي. اهڙي کي مان ڪيئن ڇڏيان؟

ڀائي لعلوءَ پڻ صاحبن کي چيو ته "ڪرت کي لڳڻ سان ماڻهو چڱو ٿو لڳي. تنھنجا پيءُ ماءُ تنھنجي هن هلت وٽڻ کان ڏاڍا مايوس ٿا گذارين. توکي انهن جي دل وٺڻ گهرجي. جڳائي ته تون ڏاري ۾ لڳو رهين ۽ پنھنجي ڪٽنب سان رليو مليو رهين." صاحبن اُتر ڏنو ته "دنيا جي ڌنڌن ۾ لڳڻ، سو آهي جنجالن ۾ ڦاٿڪي اٽڪائڻ. خبر نه آهي ته انهيءَ کي اوهين چڱو ڪيئن ٿا سمجهو. منھنجو ڪٽنب، جنھن ۾ مان خوش

سلوڪ محلا پهلا

وئد بلائيا وئدگي پڪڙ ڍنڍولي ٻانهه

ڀولا وئد نه ڄاڻئي ڪرڪ ڪلهجي مانهه

[ملار ڪي وار محلا پهلا پؤڙي (٣) سلوڪ (١)]

جنهنجو اَرٿ هي آهي ته وئد کي منهنجي دوا ڪرڻ لاءِ ڪوٺايو اٿن. هو منهنجي ٻانهن جهلي، نبض جاچي ڏسي ٿو، پر ويچاري وئد کي اِها خبر آهيئي ڪانه ته مونکي درد آهي دل جو.

وئد صاحب جا مٺيان وچن ٻڌي، عجب ۾ پئجي ويو ۽ صاحب جي عزيزن کي چيائين ته "مونکي هن ۾ ڪابه بيماري ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي. هي ڪو ڪلاوان ٿو ڏسجي ۽ اوهانکي هن جي لاءِ ڪا چنتا ڪرڻ نه گهرجي." ائين چئي، وئد موڪلائي هليو ويو.

باب پنجون

سچو سؤدو

هينئر صاحب جو ١٧ ورهين ۾ پير پيو، پائي ڪالوءَ ڏٺو ته هاڻي صاحب جوانيءَ کي اچي رسيا آهن ۽ اُداس ٿا گذارين، تنهنڪري ڪين ڪم ڪار ۾ لڳائڻ کپي. صاحب کي چيائين ته "اَبا! تون هاڻي ڪتڻ ڪمائڻ جيڏو ٿيو آهين. مان اچي مرڻ جي ڪنڌيءَ تي پهتو آهيان. منهنجي جيتري جهڪ ڏهين ڪنهن ڪم کي لڳندين ته تنهنجي لاءِ به فائدو ۽ منهنجي لاءِ به خوشي. صلاح ڀري ڳالهه آهي ته تون ڪنهن ڪرت کي لڳ، ته

ڪي انهيءَ حالت ۾ لنگهي ويا، تڏهين ماتا ترپتا ۽ ٻين
ڪٽنبن کي انتظار ٿي پيو ته آلاجي ڪهڙي وڏن
صاحبن سان آهي. پاڻي ڪالوءَ کي چيائون ته طبيب
آڻي پٽ جي دوا درمل ڪر. پٽ کان مٿي ڪو ناڻو
ڪتب کڻي ايندو. جيڪڏهن پٽ سگهارو آهي ت
ناڻو جهجهو، ڇو ته پٽ ئي ڌن ڪٺي ايندا. پاڻي ڪالو
اهي طعنا ٻڌي، هرداس طبيب کي سڏي آيو. هن
اچي صاحبن جي ٻانهن وٺي نبض ٿي ڏٺي ته صاحبن چيس
ته "اي طبيب! ڇا ٿو ڏسين؟" هن وراڻي ڏني ت
نبض جاچي ٿو ڏسان ته ڪهڙي بيماري اٿو، ته اُن
موجب توهانجي دوا ڪريان. تنهنتي صاحبن مشڪي
چيو ته "اي طبيب! تون سمجهين ٿو ته تون ماڻهن کي
مرض کان ڇڏائين ٿو. توکي جو اهنڪار روپي مرض
لڳو پيو آهي، تنهنجي ڪا دوا ڪئي اٿئي؟ جي
انهيءَ مرض جي دوا ڄاڻندو هجين ۽ پاڻکي انهيءَ
مرض کان ڇڏايو هجيئي ته بلاشڪ منهنجي دوا ڪر
نه ته تون منهنجي دوا ڪرڻ جو لائق ئي ڪين آهين
مونکي درد آهي پرماتما جي وڇوڙي جو. الهيءَ لا
مونکي تنهنجون دوائون ڪهڙو اثر ڪنديون؟ ڪرتار
جنهن مونکي هي درد ڏنو آهي، اهو ئي منهنجو درد
دفع ڪري سگهندو." اوڏيءَ مهل صاحبن هيٺيون
سلوڪ اُچاريو:-

گذاريون. اسانجو گذر آهي جهنگ سان ۽ نه شهر سان؛
تنهنڪري اسانکي ڪپڙو هجي يا نه هجي ته اسان لاءِ
هڪجهڙي ڳالهه آهي. ڪپڙي کان وڌيڪ ضرورائتو
اَن آهي، جو اسان ڪيترائي ڏينهن سانده ڪونه کاڌو
آهي." اها حالت ڏسي، صاحب ويچار ڪيو ته پتا
موڪلي لاڀدائڪ سودي ڪرڻ لاءِ ڇهو هو، سو هنن
ساڌن کي ويهن رپين مان اَنُ اٽو وٺي ڏيڻ کان ٻيو
وڌيڪ لاڀدائڪ سودو وري ڪهڙو ٿيندو! سو ٻالي
کي چيائون ته موڪلي پئسا ڏي ته مان سيڌو سامان
وٺي ساڌن کي کارايان. ويچاري ٻالي لاءِ ته اها ڏاڍي
ڏکي ڳالهه ٿي. سمجهائين ته جي پئسا ڪڍي ٿو ڏيان
ته پائي ڪالو موٽي نهايت ڪوپ ٿيندو ۽ جي نٿو
ڪڍي ڏيان ته صاحب رنج رهندا. ٻن ٻاهن جي وچ ۾
اچي ٿيو. آخر ويچار ڪري صاحب کي چيائين ته
"توهانجي پتا جهڪي وچن چيا هئا، سي ته اوهين
ياد رکو. هن بار بار چٽيءَ طرح سان موڪلي ۽ توهانکي
چٽي چڏيو هو ته نفعي وارو سودو ڪري اچجو. توهان
کي هنجو سياءُ سڄهي ٿيو، سو اوهين پئسا هن ريت
ڪهڙن ڪپايو؟" صاحب جواب ڏنو ته "پائي ٻالا!
هي ويچارا ساڌو ڪيترا ڏهاڙا اُپواس رهيا آهن. پر مشهور
جي ارٿ هنڪي کارائڻ کان وڌيڪ فائدي وارو ٻيو
ڪهڙو سودو ٿيندو؟" ٻالي کي صاحب واسطي ڏاڍي
عزت، پيار ۽ اَدب هو، تنهنڪري هن جي چٽي کي

ته ماڻهو اسان لي ٺٺوليون ڪندا. مان توکي ويهه رپيا ٿو ڏيان، اهي کڻي هتان پرسان **چوهڙخاني** جي ڳوٺ ۾ وڃي ڪو لاڀ وارو سودو ڪري اچ. جيڪڏهين هي دفعو سٺو سودو ڪري آئين ته آئينده مان توکي گهڻي موڙي واپار ڪرڻ لاءِ ڏيندس." صاحب اها ڳالهه قبول ڪئي.

پوءِ ڏينهن صاحب چوهڙخاني ڏانهن وڃڻ لاءِ سنبريا. پائي ڪالوءَ کي خيال ٿيو ته متان سودي ۾ هارائي اچي يا پئسا واٽ تي وڃائي ڇڏي، تنهنڪري پنهنجي گهرو نوڪر **بالي** کي صاحب سان گڏ موڪلائين ۽ هنکي تاڪيد ڪري چيائين ته "ڏسين، متان منهنجو پٽ اهڙو سودو ڪري جنهن مان ڪو ٽوٽو پوي. پئسا ته تون پاڻ سان رکج، متان هو ڪان ڪري پون." پوءِ پائي ڪالوءَ بالي کان پنهنجي روبرو بوڇڻ ۾ رپين جي ڳنڍ ٻڌائي ۽ وري ته گهڻي پارت ڪيائينس ته منهنجي پٽ کي نفعي وارو سودو ڪرائج. بالو ست وچن چئي، صاحب سان گڏ نڪتو.

ڪجهه پنڌ ڪرڻ ڪانپوءِ واٽ تي هڪڙي ننگن سادن جي ٽولي گڏ پين، جنهنجي مهنت **سنت** ريڻ کان صاحب پڇيو ته "اوهين ڇو ننگا آهيو؟ اوهانکي ڪپڙو آهيئي ڪونه، يا ننگو رهڻ اوهانجي پنٿ لاءِ ضروري آهي؟" هن جواب ڏنو ته "اسانکي ڪاڏو يا ڪپڙو ڪو پاڻهي ڏئي ته ڪٺي ڪائون يا پهريون، نه ته ڀڳوان جي آسري

تنهن تي ٻالي سموري ڳالهه ڪري ٻڌائي، جا ٻڌي ڀائي ڪالوءَ ٽپي ٻاهر ٿي ويو؛ ٻالي کي چيائين ته "مون توکي هيتري ڀارت ڪئي ته پيسا پنهنجي هٿ رکج، پوءِ منهنجي چئي تي ڇو ڪين هلئين؟ تو گويا امانت ۾ خيانت ڪئي آهي." ٻالي چيو ته "سائين! مان ڇا ڪريان. مان اوهانجو به داس ۽ هنجو به داس. آءٌ ڪيئن ناڪار ڪري سگهان ها؟ آءٌ به سڌن جيڏو هوس ۽ ڪانئن ڪو وڏو ڪونه هوس، جو آءٌ مٿن زور هلائي سگهان. تنهن حال سان به مون سمجهايو مان، پر چيائون ته پتا جي آگيا آهي ته لاڀ وارو سؤدو ڪج، سو هن جهڙو ٻيو لاڀ وارو سؤدو ڪهڙو آهي."

اهو ٻڌي ڀائي ڪالوءَ ٿڌا شوڪارا ڀري چيو ته "منهنجي ڪمبختي آهي جو ههڙو پٽ پيدا ٿيو اٿم. هڪڙو ته ڪم ڪار ڪري ڪونه، پر جي لالچائي ڪنهن ڪم ۾ لڳائجيس ته نفعو ته نفعي جي ماڳ، اُٽلو ٿي گهر جو گهاٽو." ائين چئي، ٻالي کي چيائين ته "هلي مونکي ڏيکار ڪٿي ويٺو آهي ته مان پاڻيهي ڏو سمجهانس." ٻالو، ڀائي ڪالوءَ سان گڏجي هليو. ڀائي ڪالوءَ جان اُن پنهنجي پٽ جي ويجهو پهتو ته ٽپي ٽپي لعل ٿي ويو. چپ پئي ڦڙڪيس. پٽ کي چيائين ته "رپيا ڪيڏانهن ڪيءِ؟ ٻڌاءِ ته ڪهڙو سؤدو ڪري آيو آهين؟ جڏهانڪر سرجيو آهين، تڏهانڪر تنهنجو ڪو به سک ڪونه سميران، اُٽلو مونکي ڏک ٿي ڏک ڏنا

مونائي ڪين سگهيو ۽ لاچار پاڻ سان بدل رهيا ڇوڙي صاحبن کي ڏنائين.

صاحبن انهن پئسن جو سيڌو سامان وٺي سادن کي آڻي ڏنو، جي رسوئي تيار ڪري کائي ترپت ٿيا. هنن سمجهيو ته اڄ ڪرتار اسانجي سار سنڀال لڌي آهي ۽ مانڪ روپ ڌاري اسانکي سڌو پهچايو اٿس. پوءِ سنت رڻ صاحبن کان پڇيو ته اوهانجو نالو ڇا آهي؟ صاحبن جواب ڏنو ته ”نانڪ نرنڪاري.“ تنهنتي سنت رڻ وري پڇيو ته نرنڪاريءَ جي معنيٰ ڇا آهي؟ صاحبن اتر ڏنو ته نرنڪاري اهو آهي جو هڪ نرنڪار اڪال پرک کي ٿي مڃي. پوءِ پاڻ ۾ گيان گوشٽ ڪيائون ۽ خوش ٿي هڪ ٻئي کان موڪلايائون.

صاحب پوءِ پويان پير تلونڊيءَ ڏانهن ڪيا ۽ شهر جي ٻاهران هڪ وڻ هيٺان ويهي رهيا، جنهنکي سک عزت وچان ”ٿمب صاحب“ ڪوٺيندا آهن. انهيءَ وڻ جي چوگرد ديوار ڏياريل آهي ۽ پاڙي انهيءَ هنڌ جو درسن وڏيءَ سڪ منجهان وڃي ڪندا آهن. هيڏانهن صاحب وڻ هيٺ رهيا ته هوڏانهن ڀائي ٻالو تلونڊيءَ جي شهر ۾ گهڙي، ڀائي ڪالوءَ کي وڃي گڏيو، جنهن پڇيس ته نانڪ ڪٿي آهي؟ ٻالي چيو ته ”سائين! شهر جي ٻاهران وڻ هيٺان ويهي رهيو آهي ۽ توب کان اچڻ نٿو ٿئيس.“ تڏهين ڪالوءَ چيو ته ”توب ڇاجو اٿس؟ ڇو پئسا وڃائي آيو آهي ڇا؟“

اٿيئي؟ وٽ ھي پنھنجا ويھي رھيا. اڳتي ھنجو خرچ پڪو مون کان ونندو رھيو." ائين چئي، ٻاٻي ڪالوءَ کي ويھي رھيا ڏنائين. ٻاٻي ڪالوءَ کي رھڻ جي وٿ ۾ سڀ ٿي آئي، تنھنڪري وڻ جي ٿڙي ڪيائين ۽ پر راءِ بلار زوريءَ سندس ڪيسي ۾ وجھي ڇڏيا. ڪل جي ماڻھن جڏھن ٻڌو ته ٻاٻي ڪالوءَ راءِ بلار کان پئسا ورتي آيو آھي، تڏھين ھن تي ڦٽڪار وجھڻ لڳا. تنھن تي ٻاٻي ڪالوءَ راءِ بلار کي رپيا موٽائي ڏيڻ لاءِ ڪٽي ويو، پر ھن نه ورتس ۽ چيائينس ته "تون پنھنجي پٽ جي ڪا به خبرداري نٿو ڪرين. مان مسلمان ٿي پيو آھيان، نه ته جھڪر آءٌ پاڻ وٽ ٽڪايانس ۽ سندس ھرطرح خاطري ڪريان ۽ خدمت ڪري پاڻکي خوش ڪريان. مان سمجھان ٿو ته توھان پيءُ پٽ جو گڏ جي رھڻ ڪين ٺھندو؛ تنھنڪري مان ويچار ۾ آھيان ته تنھنجي پٽ لاءِ ڪھڙو گھر رکجي، جتي ھو ساندت سان رھي سگھي." ڪالوءَ کي ڳالھ لڳ آئي ۽ شرمندو ٿي گھر موٽيو.

باب ڇھون
موديخاني جو ذڪر

ھڪڙي ڏينھن ٻاٻي جئرام تلونديءَ ۾ آيو. راءِ بلار ھنکي چيو ته "ٻاٻي جئرام! تنھنجي سالي ۽ سھري جو گڏ رھڻ ڏاڍو مشڪل آھي. اِنھن مان ھڪڙو آھي ٻڍو ن ساڌو ته ٻيو وري آھي مايا جو مريد. ٻنھي جي سياڻن

اٿيئي." انهيءَ قسم جا ڪيترائي ڪنور وچن ڀائي ڪالوءَ
صاحبن کي چيا، پر ڪمهاوان گورو صاحبن مانُ ڪري
پيئي پيا. پوءِ ڀائي ڪالوءَ پٽ کي گهر وٺي ويو، اتي
به هن صاحبن لي ڏاڍا چوهه چيا.

جلد ئي راءِ بلار کي وڃي خبر پيئي ته صاحب ويهه
رپيا سادن جي بلي خرچ ڪري آيا آهن ۽ ڀائي ڪالوءَ
تمام سخت لفظ ڪين ڳالهايا آهن ؛ انهيءَ ڪري دل ۾
گهڻو دک ٿيس. ڀائي ڪالوءَ کي ماڻهو موڪلي گهرايائين
چيائينس ته "اي بيرحم، ڪروڌي! مون توکي ڪيترا
دفعا سمجهايو آهي ته پٽ کي ڪڏهين پڻ چوڪ ۾ به
گهٽ وڌ نه ڳالهائج. پڌو اٿم ته تون اڄ پنهنجي نردئي
سڀاءَ ڏيکارڻ ۾ حد ڪري چڪو آهين." تنهنتي ڀائي
ڪالوءَ چوڻ لڳو ته "سائين! منهنجي ڳالهه ته پڌو،
منهنجو اندر ئي ساڙي ڇڏيو اٿس. جڏهانڪر ساهيڙ ۾
آيو آهي، تڏهانڪر گهر ئي اجاڙ ڪري ڇڏيو اٿس.
الاجي پوُرب جنم ۾ ڪهڙا پاپ ڪيا اٿم، جو پٽ جا
ههڙا دک ٿو ڏسان." راءِ بلار ورندي ڏني ته "اي
ڪالوءَ! تون کو گهلو ٿو ڏسجين. توکي پٽ جو قدر
ئي ڪونهي. توکي هن سان هيءَ هلت وٺڻ بلڪل نه
جڳائي ؛ هادي ذاتي اٿيئي هڪڙو پٽ ؛ سو به سشيل ۾
سشيل، تنهنکي به سڀالي نٿو سگهين! خبردار، جيڪڏهن
اڳتي پٽ کي کو حرف چيو اٿيئي. هتري ڪاوڙ
فقط ويهن رپين جهڙي خسيس رقم واسطي ڪٽي ڪئي

روزگار ڪري وڃي ڪاٿ. اڄ ڪان وٺي منهنجو توسان ڪو واسطو ڪونهي."

اِها خبر جلد ئي وڃي راءِ بلار جي ڪن تي پيئي. هن پائي ڪالوءَ کي پاڻ وٽ گهرائي چيو ته "مون توکي ڪيترا دفعا سمجهايو آهي ته پنهنجي پٽ کي ڪڏهن به نه ڳالهائج، پر منهنجي چئي جو اثر توتي ڪونه ٿيو آهي. مان ڏسان ٿو ته توهان ۽ پٽ جو نڀاءُ ڏاڍو ڏکيو آهي، تنهنڪري منهنجي صلاح آهي ته هاڻ هنکي سلطانپور ۾ سندس ڀيڻيوئي جئرام وٽ موڪل ته هو اُتي وڃي رهي." پائي ڪالوءَ کي اِها صلاح وڻي. پوءِ راءِ بلار صاحبن کي پاڻ گهرائي چيو ته "منهنجو خيال آهي ته توهين سلطانپور ۾ پنهنجي ڀيڻيوئي وٽ وڃي رهو. مان سمجهان ٿو ته اوهين اُتي سکي رهندا." اِئين چئي صاحبن کي هڪ چٺي پائي جئرام ڏانهن ڏنائين، جنهن ۾ لکيائين ته "جيتوڻيڪ نانڪ تنهنجو ويجهو عزيز آهي ۽ مونکي هنجي پارت ڪرڻ جو ضرور ڪونهي، ته به مان هي به اُکر لکڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهان ته جيڪا خاطري هنجي ٿي سگهي سا ڪجو. جيڪا هنجي خدمت ڪندا، سا گويا منهنجي خدمت ڪندا." راءِ بلار اِها چٺي ڏئي، پالي کي پڻ صاحبن سان گڏجي وڃڻ لاءِ چيو، جو گهڻيءَ خوشيءَ سان سنبريو.

صاحب ماتا ترپتا کي پيرين پئي موڪلائڻ لڳا. اوڏيءَ مهل ماتا جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا. هنجي

۽ ڏاڍو ڦٽر آهي. ٽوري ڪهڙيءَ ڳالهه تي تنهنجو سهرو
پٽ سان ڪٽ پٽ لڳايو وڃي، تنهنڪري بهتر ائين
ٿيندو ته تون نانڪ کي پاڻ وٽ وٺي رهاءِ." پائي
جئرام چيو ته "سائين انهيءَ کان وڌيڪ مون کي وري
ٻي ڪهڙي ڳالهه وڻندي؟ مان نانڪ کي رهائڻ ۾ نه فقط
خوش ٿيندس، پر پنهنجو وڏو ڀاڳ ڄاڻندس."
راءِ بلار چيس ته "ٽورو ٽرس ته پوءِ توڏانهن هن کي
ڏياري موڪليو."

ٽورن مهتن ڪانپوءِ صاحب کي گهمندي ڦرندي
هڪڙو اَتيت ساڌو گڏجي ويو. هن سان گيان گوشٽ
وڏي ڪئائون. موڪلائڻ مهل پنهنجي هٿ مان منڊي
لاهي اُن ساڌوءَ کي ڏنائون ۽ لوٽو، جو هٿ ۾ هون
سو به ڪڍي هن کي ڏنائون. جڏهن گهر موٽيا، تڏهن
پائي ڪالوءَ جي نظر صاحب جي هٿ تي وڃي پيئي
ڏٺائين ته آڱر ۾ منڊي اُتس ئي ڪانه ۽ لوٽو جو سا
هون سو به ڪونه اٿن، سو ڏاڍو ڪڇيو. صاحب کي
چيائين ته منڊي ڪاڏي ڪئي؟ پر صاحب کو به جواب
ڪونه ڏنو. تنهنتي صاحب کي ڏاڍي ڏمال چاڙهيائين
۽ چيائين ته "مان توکي ڪيترو سمجهائي رهيو آهيان
پر ڏسان ٿو ته تنهنجو سڌرڻ ڪونهي. ڇٽون، تاب
دڙڪا، اِهي سڀ حيلا ٽولي هلائي رهيو آهيان،
ڪنهن مان به ڪجهه ورڻو ڪونهي. تون منهنجي ڪنهن
به ڪم جو نه آهين. جتي وڻيئي اُتي وڃي رهه ۽ پنهنج

توهين هي گهر پنهنجو ڪري سمجهو. ڪا به شيءِ کپو ته بنا حساب گهري وٺجو. بلاشڪ پنهنجي پسنديءَ موجب گهرجو قرجو ۽ سڀ سنگ ڪندا رهجو. جي اوهانکي ايڪانت گهربي هجي ته ايڪانت ڪاڻ توهانکي جدا ڪمرو ڏيان." صاحب چيو ته "ڀيڻ جي گهر، بنا پورهئي کائڻ، اجوڳو ڪم آهي. مان جيڪڏهين هتي رهندس ته پنهنجو ڪمائي کائيندس."

ماتا نانڪي اڳيرو وڌي صاحب کي سمجهايو ته "مان تنهنجي وڏي ڀيڻ، ماءُ جي سمان آهيان. مون وٽ کائڻ ۾ توکي ڪهڙو مهڻو ٿو لڳي؟ تون ڪو اسان لئي ڀاري بوجو ڪونه ٿي پوندين. اسانکي پرميشور سڀڪي ڏنو آهي. تنهنجي ۽ ٻالي جي کاڌي اسين ڪو ڏٻرا ٿي پونداسين ڇا؟ هن ڳالهه جو تون ڪو به ويچار نه ڪر." صاحب جو جواب وري به ساڳيو اڳي جهڙو هو. تڏهين ڀائي جئرام صاحب کي چيو ته توهانکي جيڪڏهين اسان وٽ کائڻ ۾ عيب ٿو لڳي ته مان توهانکي نواب دولتخان وٽ موديخاني جي ڪرت ۾ لڳايان. اُن مان ڪمائي پيا روزگار ڪجو. صاحب اها ڳالهه قبول ڪئي.

ٻئي ڏينهن ڀائي جئرام صاحب کي نواب دولتخان وٽ وٺي ويو، جنهن کين پنهنجو مودي مقرر ڪيو ۽ ڪاروبار هلائڻ لاءِ هڪ هزار رپيا ۽ هڪ پوشاڪ ڏنائين. صاحب انهن پئسن مان موديخاني جو سامان خريد ڪري

نيڻن مان جل ايترو وَهڻ لڳو جو جهل ئي نه ڏئي. هوءَ هٿ کي پاڪر پائي چوڻ لڳي ته "ٻچا! مان توکان سواءِ ڪيئن رهي سگهنديس؟ مونکي هائي ڌائي تون هڪڙو پٽ، سو به وڇڙي ٿو وڃين. توکانسواءِ مان ڪنهن سان وندرنديس؟ منهنجي مرضي نه آهي ته توکي پاڻ کان جدا ٿيڻ ڏيان، پر جنهن صورت ۾ راءِ بلار ۽ تنهنجي پتا جي خواهش ٿي آهي ته تون سلطانپور ۾ وڃي رهه، تنهن صورت ۾ مان ڪجهه ڪچهي نٿي سگهان، پر ايترو ڪجانءِ جو جلد جلد منهن پيو ڏيکارج." صاحبن چيو ته ڪرتار سڀ چڱي ڪندو.

پوءِ صاحب پتا ۽ سڱتين ساٿين کان موڪلائي سلطانپور جي رستي تي ڀالي سان گڏ پنڌ پيا. منزلون ڪندي ڪندي پنجن ڏينهن کانپوءِ اچي سلطانپور پهتا. جڏهين ٻائي جئرام جي گهر جي ويجهو پهتا ته داسيءَ سڃاتن. هن پنهنجي وڪ وڌائي وڃي ماتا نانڪيءَ ۽ ٻائي جئرام کي صاحبن جي اچڻ جو ٻڌايو. تنهنتي ٻئي گهر کان ٻاهر نڪري اچي صاحبن کي ڏاڍي آڪهر سان گڏيا ۽ گهڻيءَ خوشيءَ سان گهر وٺي وين.

خوش خير عافيت ڪرڻ کانپوءِ صاحبن راءِ بلار جي چٺي ٻائي جئرام کي ڪڍي ڏني. هو پڙهي نهايت خوش ٿيو ۽ صاحبن کي چيائين ته "اڄ منهنجا وڏا ڀاڳ ٿيا آهن جو منهنجي گهر کي پنهنجن سڳورن چرنن سان پوتر ڪيو اٿو. هن چٺيءَ آڻڻ جو ڪو ضرور ڪونه هو.

سمجهه ته اسين هن ڌنڌي کي لڳي رهنداسين. جهڙو ڪم اسانکي ڪرڻو آهي، تهڙي اسانکي ٿي خبر آهي ۽ انهيءَ ڪم جي پوري ڪرڻ ۾ ڪا به ڳالهه اسانکي روڪي نه سگهندي. تون اسان وٽ ترس ۽ ست نام جپيندو رهه ته ڪرتار جي ڪرپا سان تون مڪت ٿيندين. توکي اسان سان توڙ نباهڻو آهي. تهڪري تون اسان وٽ رهه ۽ هليو نه وڃ." بالي کي صاحبن ۾ ڏاڍو ويساهه هو ۽ هنکي صاحبن جي آگيا بنا ڪو به ڪم ڪرڻ نه ٿيندو هو، تهڪري صاحبن جي مرضيءَ موجب ترسي پيو.

مودي خاني جي ڪم جي هاڪ چوڌاري پکڙجي ويئي ۽ تلونڊيءَ تائين وڃي پهتي. باٻي ڪالوءَ ڏٺو ته سندس پٽ جو ڌنڌو چڱو پيو هلي، سو ڪپڙن ۾ ٿي نه پيو ماپي، پر وري جڏهن ٻڌائين ته ونس خيرات گهڻي لڳي پيئي آهي، تڏهين ته دل ٿي سسي ويس ۽ ڇيائين ته خبر نه آهي ته اڃا ڪڏهين پئسي ڪٺي ڪرڻ جي مت ايندي يس. پوءِ باٻي ڪالوءَ خيال ڪيو ته مان روبرو سلطانپور وڃي حال احوال ٻڌان ۽ پٽ کي سمجهائي ته اڃان ته هٿ ڇوٽ نه ڪري ۽ پئسو جمع ڪري. سلطانپور وڃڻ لاءِ سانباهو ڪيائين. منزلون هڻندي وڃي مودي خاني جي در وٽ لٿو. صاحب پتا کي پريان ڏسي، اُٿي وڃي اڳي ڀرين پيا ۽ دڪان تي مٿي وٺي ويس، جتي آسڻ وڇائي ويهاريائونس.

ڪم شروع ڪيو. اُنهيءَ دڪان تي هڪڙي هٽي تور
جي سچائي ۽ ٻي هٽي اگهه جي سستائي ۽ ٿهون ورتي
هو زبان جو ميناج، سو ٻنهن جي ڪمي ڪانه هئي.
فقير فقرا جيڪي به دڪان تي ايندا هئا، سي خالي
ڪين موٽندا هئا. اهي سيڌو وٽن دعائون پيا ڪندا
هئا. صاحب پنهنجن هٿن سان گراهڪن کي تور ڏيندا
هئا ۽ جڏهن ڪو ٻارهن ڌڙن کان وڌيڪ وٺندو
هو ته ٻارهين ڌڙي تورڻ تي "تيرا تيرا" ڪيترا دفعا
چئي گڏ گڏ پيا ٿيندا هئا. انهن لفظن جي معني آهي
تنهنجو تنهنجو، يعني اي ٻابا! سڀ ڪجهه تنهنجو آهي.
انهيءَ طرح صاحب مودي خاني جي ڪم ۾ ڏينهن جو
چڱيءَ طرح لڳندا هئا ۽ رات جو ڳپل وقت ڀڄن پاٺ ۾
گذاريندا هئا.

جڏهن ڀائي ٻالي ڏٺو ته مودي خاني جو ڪم چڱو پيو
هلي ۽ صاحب پنهنجو مٿو دنيوي ڌنڌن ۾ وڌو آهي،
تڏهين صاحب کي وينتي ڪيائين ته موڪل
ڏيو ته مان ڳوٺ وڃي، پنهنجي ڪٽنب جو سماءُ لهان
۽ اُتي پنهنجي قوت گذران جو اُپاءُ ڪريان. صاحب چيس
ته "ٻالا! تون اسانکي جان جهڙو پيارو آهين. اسانجي
جند سان جڙيل آهين. تون پنهنجي گذران جي ڪابه
چنتا نه ڪر. پرميشور سڀ کي رزق پهچائيندڙ آهي.
هي جيڪو ڌنڌو هنئر وپار ڪريون، تنهن ۾ جيڪو
نفعو ٿيندو تنهن ۾ اڌ ڀائيوار پاڻکي سمجهه. انهين ته

راتِ ڏينهن کائون دال ۽ ماني." اڃا ٻالڪ ڪجهه وڌيڪ ٿي چيو ته صاحب اشارو ڏنس، جنهنڪري ڪٺي ماٺ ڪيائون.

ڀائي ڪالوُ اِتان تي پنهنجي سپتريءَ ۽ ناتيءَ کي اچي گڏيو. هڪ ٻئي ۾ خبرچار ڏيڻ وٺڻ کانپوءِ ڀائي ڪالوُ هنن کي ڏوراپا ڏيئي چوڻ لڳو ته "توهان کان ايترو به نٿو ٿئي، جو نانڪ جي ڪارخاني جي ڪجهه نظرداري ڪٺي ڪريو ته ڪيئن هو پنهنجو ڪاروبار هلائي ٿو؟ مان هنجي دڪان جو چرخو ڏسي ٽپيءَ ۾ پئجي ويو آهيان. ڪارخاني تي ڪرت چڱي پيئي ٿئي، جنهنڪري ضرور فائدو چڱو هوندو. پر فائدو تڏهين ٿئجي جڏهين ڪي بچائي. هن وقت ته فقيرن جي ڏم لڳي پيئي آهي، سو بچت وري ڪٿان ٿيندي؟" ماتا نانڪيءَ پيءُ جون لوڀ سان ڀريل ڳالهيون ماٺ ڪري پئي ٻڌيون. آخر پتا کي هٿ جوڙي چيائين "بابا سائين! معاف ڪجو جي مان توهانکي ٻه ٽي لفظ چوان. توهين شڪر نٿا ڪريو ته پيارو نانڪ ڪرت ڪسي وڃي لڳو آهي ۽ چاهه سان پيو ڪم ڪري؟ اڳي توهين چوندا هئا ته منهنجو گهر ٿو لٽائي، هاڻي ڀلا! توهانجو ته ڪونه ٿو وڃائي؟ ڀلو به ويچار ڪريو ته ڌرم جي پاسي ٿو ڏئي، تنهن کان اسين هنکي ڪيئن هٽائي سگهون؟" ڀائي جئرام پڻ ڀائي ڪالوءَ کي چيو "سائين! توهين پنهنجي پٽ جي ڪا چنتا ڪريو ٿي ڪانه. جڏهين هن جي

پائي ڪالوءَ ڪشل ڪلياڻ پڇڻ بعد پٽ کان پڇيو ت
موديخاني جو ڪم ڪيئن پيو هلي؟ صاحبن چيو ت
ڪرتار جي مهربانيءَ سان چڱو پيو هلي. وري پائي
ڪالوءَ پڇيو ت نفعو هيستائين ڪيترو ٿيو آهي؟ صاحبن
جواب ڏنو ت ڪمائي چڱي ايتري ٿئي، پر خرچ ب گهڻو
آهي، تنهنڪري نفعو اچا ڪو ن ٿو ٿئي. انهن لفظن
پائي ڪالوءَ کي ٻيهر ۾ وڌو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ سوچ
ڪري پٽ کي چيائين "بچا! تون هميشھ سمجهو ٿيو
آهين. ويچار ڪر ت پئسي ڪانسواءِ ڪو ڪنهن کي پڇي
ٿو؟ تنهنڪري ناڻو ن لٽ ۽ ڏيري ڏيري ڪم آڻ.
هي جي ايترو تو وٽ اچن ٿا، سي ڪي ڪتڻ جا آهن؟
هن جي ڏيڻ سان اسين گرهستي ڪو پوري پئي
سگهنداسون؟ ڀڳوان ڪو هن جو بهت پري ت ٻي ڳالهه
آهي، ن ت ٻندي جي ت جاءِ ن آهي. مون سمجهيو
هو ت مان تو وٽان ڪجهه رپيا تنهنجي ڪمائيءَ مان پاڻ
سان کڻي ويندس پر مونکي ت هي حال ڏسي مايوسي
وٺي وئي آهي. پٽ! سياڻو ٿي ۽ آئينده جو ڪو
ويچار ڪر. خيرات ڏيڻ ٿي جو تون هريو آهين، سو
پنهنجي مٺ پيڙ ۽ پئسا جمع ڪر."

پوءِ بالي ٿي ڪاوڙ ڪري چوڻ لڳو ت "تون ب
ڪون ٿو منهنجي پٽ جي خبرداري ڪرين ت اجايو پئسو
ن لٽي!" بالي چيو ت "سائين! تو هن اجايو پيا ڏمرجو.
اسان لاءِ ت سٺي ماني ب هڪ نعمت آهي. اسين ٻئي

ليکو ڪري ڏيوس.“ صاحبن کي اُتي گهرايائون،
جڏهن ڀائي جئرام زماني سازيءَ جون ڳالهيون ٻڌيون
ڪرڻ بعد هيڪي پڇيو تہ مودي خاني جو ڪم ڪيئن
پيو هلي؟ صاحبن ڀائي جئرام جي سوال پڇڻ جي ڍنگ
مان سهي ڪيو تہ هنکي ڪو شڪ پيو آهي. تنهنڪري
ڀائي جئرام کي چيائون تہ هڪدم حساب جي جانچ
وٺايو تہ خبر پوي تہ نفعو آهي يا نقصان. ڀائي جئرام
حسابدان ليکي ڪرڻ لاءِ ويهاريا. هنن ڏاڍي خبرداريءَ
سان جمع واصل جون رقمون ٻيهاري پوتامل ڏٺيون.
حساب ڪرڻ تي ١٣٥ رپيا نفعو نڪتو.

ڀائي جئرام کي نفعي جي خبر ٻڌي ڏاڍي ڀاسي
خوشي ٿي تہ ٻئي ڀاسي وري لڄ آيس تہ مان پنهنجي
استريءَ وٽ ڪهڙي منهن کڻي ڪيئن سگهندس؛ ڪيئن
پنهنجي سالي سان گڏبس. هاڻي صاحبن ڏٺو تہ سندن
ڪم ۾ ڀائي جئرام جو من لڳي ويو، تنهنڪري پنهنجي
ڀيڻ جي گهر ۾ آيا؛ اچي هنکي؛ ڀائي جئرام کي چيائون
تہ ”هاڻي اسين موڪلايون ٿا. ڪارخانن جا تہ ڪم آهن
تہ ڪڏهن نفعا تہ ڪڏهن نقصان. هينئر تہ اسانجي
وقت سان رهڻجي آئي، پر خبر آهي تہ آئينده ڇا ٿئي؟“
ڀائي جئرام صاحبن کي ڏاڍو نمرتا سان چوڻ لڳو تہ
”مونکي معاف ڪجو، جو مونکي ماٺهن پئيلا يو. وري
ڪڏهن بہ هنن جي ڪمين نہ لڳندس. جڏهن
ڪنهن بہ وقت کوٽ ٿي پئي تہ بہ توهين چئل آهيو،

مائٽي ٿيندي ۽ مٿس ٻار پوندو، تڏهين ٻانهي پنهنجي
ميڙڻ جي چوُش ايندي‌س. اسين هنجي مڱائڻ جي سعي
۾ آهيون. اِجهو اچا تورا ڏينهن ته پڪو ڪارنڌاوا جي
ڳوٺ جي وينل ڀائي مولي کتريءَ جي نياڻيءَ جي
مائٽي هن لاءِ آئي هئي. اسان چيو ته توهان کان پڇو
ته پوءِ جواب ڏيون." ڀائي ڪالو ڀائي جئرام کان اِ
ڳالهه ٻڌي خوش ٿيو ۽ هنکي چيائين ته بيشڪ اِ
مائٽي قبول ڪجو. پوءِ ڀائي ڪالوءَ هنکي پٽ ج
ڀارت ڪري تلونديءَ ڏانهن موٽي روانو ٿيو.

ڀائي ڪالوءَ جي اُسهڻ ڪانپوءِ به مود يخاني جو چر
ساڳيو هلندو آيو. مڱتن جي ڀيڙ لڳي آئي ۽ صاح
جو جس پکڙندو رهيو. اِهو حال ڏسي ڪن حاسد
ڀائي جئرام کي اچي چيو ته "تنهنجو سالو مود يخان
تي لٽ لڳائي وينو آهي. جڏهين حساب ٿيندو
تڏهين کوٽ تنهنجي سر تي پوندي. توکي اڳيان نواد
سمجهي پيو. تنهنڪري پنهنجي سالي تي چوڪسي ر
۽ سمجهائينس ته ڌن اجايو نه وڃائي."

اِهو ٻڌي ڀائي جئرام کي ڏاڍو ويچار ٿيو. پنهنج
استريءَ نانڪيءَ سان ڳالهه ڪيائين ته تنهنجي ڀاءُ ج
سداورت هلائڻ ڪري ماٺو مونکي ڏاڍا ڏپ ٿا ڏير
نانڪيءَ پنهنجي پتيءَ کي چيو "سوامي! توهان ڪ
منهنجو ڀاءُ ڀي پرتاب جي اچا پروڙ ڪانه پيئي آه
جيڪڏهين اوهانکي ڪو گمان پيدا ٿيو آهي ته ڪ

ڪن مهنن کانپوءِ ڀائي مولي آڪاڻ جي سنمتيءَ
سمبت ١٥٤٥ جو مهورت ڪيائي موڪليو. اُن بابت
ڀائي جئرام پنهنجن عزيزن ۽ مترن ڏانهن ويهي چٺيون
لکيون ته فلاڻي ڏينهن شادي آهي، توهان ڪرپا
ڪري انهيءَ موقعي تي ضرور اچي جڳ کي سوڀائتو
ڪجو. ڀائي ڪالوءَ، راءِ بلار کي پٽ روبرو وڃي شاديءَ
جي مهورت جي خبر ڏني. هو ڏاڍو خوش ٿيو
۽ ڀائي ڪالوءَ کي چيائين ته "ڪشاديءَ دل سان شاديءَ
تي خرچ ڪج. هڙو وقت وري ڪين ايندو.
پيسو ڏوڪڙ يا ڪا ٻي شيءِ کپندي هجيئي ته مان توکي
ڏيان." ڀائي ڪالوءَ چيو ته "سائين! توهانجي مهربانيءَ
سان مونکي ايترو پيسو آهي، جو شاديءَ جو خرچ
چڱيءَ طرح ڪري ٿو سگهان، باقي ڪي عمدا گهوڙا،
تنبو ۽ قناتون کپن، سي مهرباني ڪري ڏيو." راءِ بلار
وڏيءَ خوشيءَ سان هنکي اهي شيون ڏنيون.

مقرر ڪيل ڏينهن تي تلونڊيءَ جا توڙي ٻاهريان
ماڻهو اچي ڪٺا ٿيا ۽ جڳ ڏاڍي پيڪي سان نڪتي.
دهلارين ۽ شرنائين ڏاڍو شغل ڪيو. هو سڄي رات
چڱون وڄندا هليا. شبدي ۽ ڪيرتن ڪندا رهيا ۽
استريون گيت ڳائيندي يون هليون. آتشبازي ۽ طرح طرح
نمونن جي ساڙيائون. گهوڙون جيڪي دهلارين ۽ ٻين
منگتن کي مليون، تنجو ته ڪاٿوئي ڪونه هو. ٻهرپائين
ٻهرپائين جڳ اچي سلطانپور ۾ ڏيرو ڪيو. اُتي نواب

مان اُن ڪوٽ کي پاڻيهي منهن ڏيندس. ڀلائي ڪري هتان نه وڃو." بابا نانڪ به صاحبن کي چنبڙي پيئي نه ڪيئن ٻه رهو. اها حالت ڏسي ڀائي ٻالي صاحبن کي رهڻ لاءِ سنايو، تنهنڪري صاحب اُتي رهي پيا. نواب جڏهن ٻڌو ته موديخاني ۾ هيتري ساري خرچ هوندي به واڌ نڪتي آهي، تڏهين ڏاڍو خوش ٿيو ۽ صاحبن کي گهرائي نفعي وارا ١٣٥ رپيا ۽ ٻيا ١٧٠٠ رپيا وڌيڪ ڪم هلائڻ لاءِ ڏنائين.

باب ستون

صاحبن جي شادي ۽ موديخاني جي ٻيو دفعو تپاس

صاحبن جي ڪنڍ ڪمائڻ جي ساک چوڌاري پکڙجي ويئي. ماڻهن ڏٺو ته هڪڙو ته آهي چڱي ڪل جو ٻيو آهي ٻيٺل ماڻهوءَ جو پٽ ۽ ٽيون وري پاڻ به چڱي زندي ۾ لڳل آهي، تنهنڪري ڪيترن گهرن مان مائٽن جي اچ وڃ لڳي. هڪڙي ڏينهن هڪ برهمڻ مولي کتريءَ جي گهران موڙو چناٽي کڻي آيو ۽ اچي ڀائي جئرام کي هٿ ۾ ڏنائين. ڀائي جئرام اهو وٺي انگيڪار ڪيو ۽ مصريءَ جي ٿو ڪڻي مکه ۾ وڌائين انهيءَ لي گهر ۾ لوڙي اوڙي پاڙي ۾ صاحبن جي مڱڻي جون واڌايون وري ويئون. پوءِ ڀائي جئرام اها خبر ماڻهوءَ هٿ صاحبن جي پتا بابا کي موڪلي، جي ٻڌي ڏاڍو پرسن ٿيا.

۾ وڃي پهتا. جڏهن انهيءَ شهر جي ويجهو آيا، تڏهين هڪ برهمڻ کي اڳواٽ موڪليائون ته وڃي **ڀائيءَ مولي** کي ججهه جي پهچڻ جي خبر ڏي. انهيءَ خبر تي ڀائي مولو ۽ سندس برادريءَ وارا وڏي اڇي ڄاڃن لاءِ پيشوا تي بيٺا ۽ هنن کي گهڻي قرب سان مليا. پوءِ هنن کي وٺي وڃي وهاريائون ۽ هنن جي کائڻ پيئڻ جي هر طرح خاطري ڪيائون. تنهن کانپوءِ مهورت واري وقت تي شاديءَ جا سانت سور ٿيا ۽ صاحبن جو **سلکڻيءَ ديويءَ** سان هٿيالو ٻڌو ويو. شاديءَ جي ٽئين ڏينهن، ججهه پنهنجي موٽڻ لاءِ تيار ٿي. ڳوٺ جا ماڻهو هنن کي اماڻڻ ۽ ڇهڇنو ڏسڻ لاءِ ٻاهر تي بيٺا. رونق اهڙي لڳي پيئي هئي، جو ڪيترا ماڻهو چوڻ لڳا ته هڙي ججهه ۽ هڙو اُتسو اسان اڳي ڪڏهين ڪونه سنيرون. ججهه موٽندي پڻ سلطانپور ۾ ٽرسي. اتي ماتا نانڪيءَ چيو ته گهوٽ ۽ ڪنوار کي هتي ئي ڇڏي وڃو؛ پر ڀائي پرمانند، جو هڪ سياڻو بزرگ هو، تنهن چيو ته گهوٽ جي ماءُ جوڙي جي ڏسڻ لاءِ پياسي واجهائيندي هوندي، تنهن ڪري جڳائي ته ڪي ڏينهن اتي وڃي رهن؛ هتي ته پوءِ به اچي رهندا، جو ته ڏنڊو هتي اٿن. جاچين به ڏينهن اتي رهي؛ تلونڊيءَ ڏانهن وڃڻ جو سانباهو ڪيو. اتي صاحبن ڀائي بالي کي چيو ته ”اسين جلد ئي موٽنداسين؛ تمستائين تون ڪارخاني جو ڪم پيو سنڀالج.“ بالي چيو،

دؤلت خان پاڻي ڄمرام کي گهرائي، هڪڙي ناٽي جي
ڳوٺڙي ڏني ۽ چيائينس ته "هي پئسا شاديءَ جي ٻلي
ڪٽب آڻجو ۽ خرچ ڪرڻ ۾ سوس نه ڪجو. هيءَ
شادي مهنجي موديءَ جي آهي. ڏسين! متان مهنجي
نانءَ ناموس ۾ ڪا گهٽتائي ٿئي." پوءِ ڏينهن سلطانپور
مان ڄڃ نڪتي، اُن ۾ پاڻي ڄمرام ۽ هندو پيءُ پاڻي پرمانند
۽ ٻيا ڪيترائي مٽر پڻ شامل ٿيا. ڄڃ جو نظارو ڏسڻ
وٽان هو.

مردانو جو بيدين جي ڪل جو مراثي هو سو
ڄڃ سان هو. هو صاحبن جي ويجهو ٿي ڪين واڌايون
ڏيڻ لڳو ۽ چيائينس ته "سائين! مان اوهانجي گهر جو
مراثي آهيان. توهانجو سدائين ٻيو کان ۽ پيئان توهان
جي پتا کان شاديءَ جي لونگي ملي اٿم، پر توهين
۾ ڪجهه ڏيار يوم." صاحبن چيس ته جيڪي کپيئي
سو گهر. مرداني چيو "سائين! جيڪي اوهانکي چڱ
لڳي، سو بخش ڪريوم." تنهنتي صاحبن فرمايو ته
"مردانا! اسين توکي ٻيا سڪئي رباب وڄائڻ جو هنر
بخشيون ٿا. اُنجي وڄائڻ سان هريءَ جو ڪيرتن ڪري
تون پرلوڪ جو سک پائيندين." مردانو هو ته مايا جو کانکي
پر صاحبن جي واتان نڪتل بخشش جو ٻڌي لاچار ڪٺي
ماٿ ڪيائين. پوءِ صاحبن پنهنجي ڳچيءَ مان جامو
لاهي، اُهو پڻ مرداني کي ڏنو.

چاچي هلندا هلندا چوٿين ڏينهن پکي جي ڳوٺ

آهي. ايتري پيدائش هن دڪان مان ته ڏسڻ ۾ ئي ڪانه ٿي اچي. ضرور هي ڪارخانو ڏڪائبو؛ شڪ نه آهي ته هيءُ مودي اوچتو ئي اوچتو ديوالو ڏيئي ويندو؛ ۽ ويچاري جئرام جون ٽنگون اچي ڳچيءَ ۾ پونديون. انهن ماڻهن مان ڪن ڀائي جئرام کي به اچي چيو ته " ادا! اسين تنهنجا خيرخواهه ٿي توکي چتايون ٿا ته مودي خاني ۾ فقيرن جي ڌم لڳي پيئي آهي؛ هرڪو پيسي ڏيڻ بنا اٽو لٽو وٺيو وڃي. انهيءَ مان پس پيش توکي نقصان آهي، ڇو جو نواب توکي ڏسي تنهنجي سالي کي مودي مقرر ڪيو آهي. هو توکان ئي پيسا ڀرائيندو ۽ تنهنجو ڪو به عذر نه ٻڌندو."

ماڻهن جي چوڻ تي پهريائين ڀائي جئرام کي اعتبار نه پيئي آيو، پر جڏهين هنن ڪيتريون اُبتيون سُبتيون ڳالهيون ٻڌايس، تڏهن هو اچي وانگر گهٻرائجي ويو. دل ۾ چيائين ته ڪجهه نه ڳالهه ۾ هوندو. انهين خيال ڪندي ئي ماٺ ۾ گهر وڃي پئجي رهيو. ڪيترو وقت گهٽيون پيئي ڪاڙهائين ته ڇا ڪريان.

بابا نانڪ پنهنجي ڀيڻار کي فڪر ۾ ڏسي ڪانئس چنتا جو سبب پڇيو، جنهن سمورو حال ڪري ٻڌايس. تڏهين بابا نانڪ چيس ته " هي سوامي! اڳئين دفعي ڪين نندڪن هيتري ساري منهنجي پاڻ جي گلا ڪئي؟ اوهان پاڻ ڪين آزمائش وٺي ڏٺي ته هنن جون سڀ ڳالهيون ڪوڙيون نڪتيون؟ اڄ به اوهان کي

ست وچن. جڏهن هلندي هلندي اچي تلونديءَ پهتي
ماتا ۽ پتا گهر جي ٻاهر ويٺا هئا جڏهن ڏسڻ لڳي ۽ جڏهين
در جي ڀرسان وٽ هنجو سپتر ۽ اهي اچي پهتا، تڏهين
ٻنهي سان ساٿ سوڻ ڪري ڏاڍيءَ اڪير منجهان
مليا، اينتري قدر جو خوشيءَ وچان نيترن مان جل وهڻ
لڳس. صاحب مهو انهي گذاري ماتا پتا کي چيو ته
"مودي خاني جو ڪم گهڻن ڏينهن کان رهيو پيو آهي.
هاڻي آگيا ڏيو ته اسين انهي وڃي رهون." ماتا ۽ پتا
جي دل ته ڇڏڻ تي نٿي ٿي، پر لاچار هنن کي موڪل
ڏنائين. پوءِ صاحب پنهنجي سپتنيءَ سان گڏجي
سلطانپور آيا ۽ انهي رهڻ لڳا.

وري صاحب مودي خاني جو ڪم هلائڻ لڳا. سخاوت
اڳي کان به سرس هلڻ لڳي. ننگو توڙي بکيو خالي نه
موٽندو هو. ڪرت به اڳي کان چاڪ هئي. اهو حال
ڏسي سلطانپور جا ڪي ماڻهو چوڻ لڳا ته شايد هنن
وٽ ڪيميا آهي ڏسجي ۽ هو پهتل پرش ٿا ڏسجن ۽ پر
گهڻا ته منجهن اهڙا هئا، جي ايرکا جي اگنيءَ ۾ پئي
جليا. هنن کي اندر ۾ لوچو اچي لڳو ته هي ڪير، جو
نواب وٽ سرخرو ٿئي. چوڻ لڳا ته "مودي خاني تي
مقرر ٿيڻ لاءِ هن کان وڌيڪ اسين لائق آهيون، جو
پنهنجي ذاتيءَ جا ته خيرخواه رهندا سون. هن دڪان
تي اگهه آهي سستو ۽ سخاوت جي ات پيئي پوي.
تنهن ڪانسواءِ پن جڻن جو انگ پيٽ به ته انهن تي نڪرڻو

حساب ڪتاسڻ لڳو ته، مٿان ڪا جوڙ ۾ چوڪ ٿي وئي هجي، پر هيڪڙي ڪاڻ پئي ڏسڻ ۾ ڪانه آئي. پاڻي جهڙام کي انهيءَ ڳالهه جي خبر پيئي، سو ڏاڍو خوش ٿيو. هن جادو راءِ کان اڳيئي وڃي نواب کي ٻڌايو ته ۳۸۱ رپيا موديءَ جي طلب نڪري ٿي، نواب پوءِ جادو راءِ کان اِن بابت تحقيقات ڪئي ۽ جڏهين پڪ ٿيس تڏهين دل کي آرام آيس. پوءِ خزاني مان اهي ۳۸۱ رپيا ۽ ٻيا ۳ هزار رپيا وٺي ڪاروبار هلائڻ لاءِ گهرائي صاحبن کي ڏنائين. حاسد اِهو ڏسي سڙي ويا.

باب اٺون

صاحبن جي شاديءَ ڪانپوءِ رهڻي ۽

بابا سري چند ۽ بابا لکمي چند جو جنم

صاحب شاديءَ ڪانپوءِ مودي‌خاني تي رهندا هئا. ڏينهن جو دڪان جي ڪرت ۾ مشغول هوندا هئا ۽ رات جو گهڻو وقت شبد ڪيرتن ڪندا هئا. پوءِ ڪجهه آرام ڪري، امرت ويلي جو اُٿي اِشنان ڪري ڌيان ۾ محو رهندا هئا. ڪڏهن ڪڏهين ڪو گهر ايندا هئا نه ته ته گهڻو ڪري رات ڏينهن مودي‌خاني تي گذاريندا هئا، ڇوته جي گهر ايندا هئا ته کٽ پٽ مچندي هئي. سندن سپتنيءَ کي سدائين اها تات هوندي هئي ته پيسو اجايو ٿا وڃائين ۽ ڪٽنب واسطي ڪجهه نٿا بچائين. ڪيترائي دفعا صاحبن سمجهايس ته مايا هڪ ڇل آهي ۽ اُن سان پيار رکڻ پاڻ کي موهه جي زنجيرن ۾ ٻڌائڻ

پرليمع ٿئي اچي ته منهنجو پاڻ ڪٿائڻ وارو آهيئي ڪٿ!"
ماتا نانڪيءَ گهڻو ئي سمجهايس، پر هن جي دل کي
آٿت نه آيو.

پوءِ ڏينهن ڪرپا جا ساگر ستگورو پنهنجي پيءُ
جي گهر آيا ۽ پاڻمرادو چوڻ لڳا ته "دادي! ڪارخاني
جي لهڪي ٿيئي گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن. هاڻي حساب
صفا ٿيڻ کپي ته منهنجي ڪٿري طلب نواب ڏانهن
بيهي ٿي." پاڻي جئرام اها ڳالهه ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو
جو هيڪي ليکي لاهڻ جي ڳالهه چورڻ ڏاڍي ڏکي ٿي
لڳي. جلد ئي پاڻي جئرام نواب وٽ ويو ۽ هيڪي چيائين
ته "غريب نواز! مودبخاني جي ليکي لٿي گهڻا ڏينهن
گذري ويا آهن، موديءَ جي مرضي آهي ته ليکو جلد
صفا ٿئي. نواب جا به ڪن اڳهئي ڇغلن پريا هئا، سو
اها رت ٻڌي خوش ٿيو. هيڪدم پنهنجي ليکاريءَ
جادو راءِ کي گهرائي چيائين ته "مودبخاني جو ليکو
چڱي چوکي چوڪسيءَ سان ڪري اسانکي خبر ڏي
ته منجهس گهاٽو آهي ڪين واڌو." نواب جو حڪم
ٻڌي جادو راءِ انهيءَ ڪم کي وچي لڳو. پنج ڏينهن
برابر پئي ليکو جاچيائين. آخر جڏهين جملو ڏنائين
تڏهين ڏنائين ته اُلٽو موديءَ جي طلب ٣٨١ رپيا نواب
ڏانهن بيهي ٿي. اها حالت ڏسي جادو راءِ عجب ۾ پئو
چوته هو پنهنجي اکين سان پئو ڏسندو هو ته مودبخاني
تي رڳو سداورت پئو هلي. ٺهڪري وري

جو ويچار ڪندي گهٽيون پٽي ڪاڏائين.

تون ڏينهن ڪانپوءِ سلڇڻيءَ جي ماءُ **چندو راڻي**
پنهنجي ڌيءُ کي گڏجڻ آئي. هن ماءُ سان روئي پنهنجو
سمورو حال ڪيو. تنهنجي ماڻهس کي ڏاڍو دک ٿيو،
ڪاوڙ به لڳس. هوءَ سهڪندي سهڪندي ماتا نانڪيءَ
وٽ ويٺي ۽ چيائينس "مائي! تو اسان سان ڌوهه ڪيو
آهي! توکي پنهنجي پٽ جا افعال نه اڳيئي سجهندا
هوندا، پوءِ اسانکي ڪهڙن ٿي اَڙايءِ؟ تنهنجو پٽ
سڀو ڏينهن گذاري فقيرن ۾، سو ضرور هڪڙي ڏينهن
پاڻ به وڃي فقير ٿيندو. جي فقير ٿيڻو هوس ته شادي
وري ڇو ٿي ڪيائون ۽ توهان وري ڪيئن ٿي پرڻايس؟
تون پنهنجي پٽ کي سمجهائين به نٿي. هو سچي ڪمائي
باهر لٽيو ڇڏي. توهانکي منهنجي نماڻيءَ تي ڪو
قياس ئي ڪونه ٿو اچي. هوءَ اَبلا سڀو ڏينهن گهٽن
۾ ويٺي گُري."

ماتا نانڪيءَ ڏاڍن مٺن وچنن سان چيس ته "ماسي!
مان پٽ کي ڇا سمجهايان؟ هو پاڻ سمجهو ۽ سياڻو آهي.
ڪرت ۾ هوندي به اَٺئي پهر پرڀوءَ جو نام جپيندو ٿو
رهي. تنهنجا ته وڏا ڀاڳ آهن جو هڙو ناٿي ميلو اٿيئي.
تنهنجي ڌيءُ کي کائڻ پيئڻ، ڇورڻ ماڻڻ لاءِ سڀڪي
پيو ملي، پر تنهن هوندي به جيڪڏهين ڪجهه کپندو
هجيس ته مان وٽي ڏيانس. باقي هرويرو هوءَ هوءَ
ڪجي نه اُنهان ڪجهه وٺبو ڪين. ماسي! مان توکي

آهي، پر هنتي اهڙو اثر ٿئي جهڙو پاڻيءَ تي ليڪو

هڪڙي ڏينهن هن وچ ماتا نانڪيءَ کي دانه
ڏني ته "تون پنهنجي ڀاءُ کي سمجهاءِ ته اِئين گرهست
جو ڪم نه هلندو آهي. هو گهر ۾ اچڻئي ڪڏهين
ڪڏهين ۽ وري جڏهين قسمت سان اچي ته گهٽو ڪر
مانت ۾ رهي. ويچار ڪر ته استريءَ سان جڏهين پت
به چار لفظ ڳالهائي، تڏهين هوءَ آنند اچي. تنه
ڪانسواءِ پتسي مڙط جو به خيال ڪونه اٿس، رڳو اجا
پيو فقيرن پنيان وڃائي." ماتا نانڪيءَ چيس ت
"پيءُ ڏس، توکي ڪاڏي ۽ ڪپڙي لاءِ سيڪي
ملي، پر تنهن حال سان به توکي ڪجهه وڌيڪ کپي
آءٌ پوراڻي ڪريان. ساڌن سنتن کي، جو منهنجو ڀاءُ
۽ ڪپڙو ٿو ڏئي، تنهنکان مان هرگز ڪين روڪيا
چو ته ڏنو ٻنو آهي. هيڪوڙو ڏيو ته ڏهوڻو لاڀ پائ
باقي رهي ڳالهه گهر ۾ رهڻ جي، تنهن بابت مان توک
چا چوان! تون پنهنجي پتيءَ کي ايشور ڪري سمجه
سڀ ڀڄ ته سڀني استرين لاءِ پتي ئي گرو آهي،
تنهنجو پتي نه رواجي انسان جهڙو نه آهي، هو ساڪيات
ايشور روپ آهي. تون سندس مرضيءَ موجب هل
هنجو واضو همت ڪر. پنهنجو سڀاءُ نرم رک ۽ من
ماري ڇڏ. اِئين ڪندين ته پاڻهي تنهنجا منورٿ پو
ٿيندا." اهي وچن ٻڌي، ماتا سلکڻيءَ ڪٿي مانت ڪ
۽ موٽي گهر ويئي. اُتي وري به پنهنجي وهمي د

ٻلهار وڃڻ لڳي.

هن ڪانپوءِ ماتا سلڪڻي صاحبن جي ٽهل ٻنهي جڻن هٿن سان ڪندي هئي ۽ ٻئي ڪنهنکي ڪرڻ نه ڏيندي هئي ۽ جيڪڏهين ڪو فقير گهر جي در تي ٻکيا اچي گهرندو هو نه هنکي وڏي خوشيءَ سان ڏيندي هئي. اهو ڏسي صاحب مٿس ڏاڍو پرسن ٿيا. ڪجهه وقت ڪانپوءِ سمبت ١٥٥١ ۾ صاحبن کي **سريچند** پٽ ڄائو. اها خبر ٻڌڻ تي سلطانپور جون سڀ استريون واڌايون ڏيڻ آيون. ماتا نانڪيءَ اها خبر جلد ئي ٻنهنجي پتا ۽ ماتا کي موڪلي، جي پوٽي جي جنم جو ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيا. هو سلطانپور ۾ آيا ۽ اچي ڏاڍيون گهوريون گهوريائون.

تنهن ڪانپوءِ سمبت ١٥٥٣ ۾ صاحبن کي وري ٻيو پٽ ڄائو جنهنجو نالو **لکميچند** رکيائون. هنجي جمڻ کي ٻه اهڙو اُتسو ٿيو جهڙو بابا سريچند جي تي ٿيو هو.

باب نائون

ويراڳ

جڏهين صاحبن کي ٻه پٽ ٿيا، تڏهين هر ڪنهن شهر جي ماڻهوءَ اُئين ٿي سمجهيو نه صاحب هاڻي موهه جي جار ۾ ڦاسندا ۽ گهر سان اُئين ٻڌبا، جئن گرهستي ماڻهو ٻنهنجي ڪٽنب ۾ ڦاٿل هوندا آهن. پر هنن کي اها ڪل ڪانه هئي نه صاحبن کي ٻنهنجو پيغام ملڪان ملڪ پهچائڻو آهي ۽ گهر کي ڇهٽي رهڻو نه آهي. بابا

هڪڙي ڳالهه ٻڌايان ٿي ته تنهنجي ڌيءَ سياڻي جي آهي
کري ۽ جڏهن جڏهن منهنجو پاڻ گهر ۾ اچي، تڏهن
جهڻ جهڻ لڳايو وهي. پوءِ ٻڌاءِ ته منهنجو پاڻ، جو
سانت سروپ آهي، تنهنکي گهر ۾ رهڻ وري ڪيئن
وڻندو؟ تون پنهنجي ڌيءَ کي سمجهاءِ ته نمرتا سان
پتيءَ جي ٽهل ڪري ۽ هن جي مرضيءَ موجب هلي
ريجهائي هٿ ڪريس." چندو راڻي اهي اکر ٻڌي
ڪجهه ڪچي ڪين سگهي ۽ موٽي وڃي پنهنجي ڌيءَ
کي آٿت ڏنائين ۽ سمجهايائينس ته پتيءَ جي راضي
ڪرڻ جي هميشه ڪوشش ڪندي رهه. پوءِ هوءَ
پنهنجي ڌيءَ کان موڪلائي، پنهنجي ڳوٺ وئي.

ٿورن ڏينهن ڪالوءَ صاحب پيڻ جي گهر ۾ آيا. ماتا
نانڪيءَ چيس ته "پائو! تنهنجي گهر ۾ چڱي ڪل جي
استري آئي آهي. تون جو گهر ۾ ٿورو وقت ٿو گذارين
تنهنلاءِ تنهنجو سهرو ۽ سس اسانکي ڏوراپا ٿا ڏين.
اسين ته ڪجهه به ڪچي نٿا سگهون. پلائي ڪري گهر
۾ گهڻو گذاريندو رهه. بي هڪڙي ڳالهه جا منهنجي
دل ۾ آهي، سا مان توکي چئي نٿي سگهان. جي آگيا
ڏينم ته چوان." صاحب چيس ته جهڪي چوڻو هجيئي
سو چئو. تنهنتي هن چيو ته "مونکي هيءَ ايلاڪا آهي
ته تنهنجو پٽ پنهنجي اکين سان ڏسان." صاحب چيو
"ڪرتار ڪٽي تنهنجي آس پوري ڪندو." اهي وچن
ٻڌي ماتا نانڪي گد گد ٿي وئي ۽ پنهنجي پاڻ تان

نعمدڪ وري هن ريت چوڻ لڳا ته هندو من ڪارخاني ۾ گھاٽي هئڻ سبب ڦري ويو آهي. ڪن وري چيو ته هن ٿي ڪنهن جن ڀوت جي ڇايا پيئي آهي.

نواب کي صاحبن جي ڪم ڇڏڻ جي خبر وڃي پهتي. هن ڀائي جئرام کي گھرائي چيو ته "مودي خاني جو ليکو ڪرائي ڏس ته ڇا ڪٿو آهي." ڀائي جئرام ليکو ڪرايو ۽ هن دفعي ٧٦٠ رپيا صاحبن جي طلب نواب ڏانهن نڪتي. اهو ٻڌي نواب کي دلجاءِ ٿي ۽ صاحبن کي گھرائي چيائين ته "مودي خاني جو ڪم آئينده به سنڀاليندو رهه." پر صاحبن ڪم هلائڻ کان صفا جواب ڏنو ۽ چيائون ته "هينئر سچي پاتشاهه اسان کي پنهنجي سيوا ۾ لڳائي ڇڏيو آهي ۽ انهيءَ ڪم ۾ اسين مشغول آهيون." باقي جيڪا طلب اسانجي نڪتي آهي، سا ڌڻيءَ جي نالي خيرات ۾ ڏيئي ڇڏجو."

پوءِ صاحب ڪفني ڳچيءَ ۾ وجهي قبرستان ۾ وڃي رهيا ۽ اتي "ست ڪرتار" جو جاپ پيا جپيندا هئا. انهيءَ حالت جي خبر صاحبن جي سهري ڀائي مولي کي وڃي پيئي. هنکي ٻڌنديئي ڏکو پهچي ويو. ڳڻتي وڌي ويس ته اسانجي ويچاري ٻالي ڀولي ڪنيا ڪيئن ڪندي، هنکي ڪير سنڀاليندو؟ هو جلد ئي سلطانپور ۾ آيو ۽ پنڊت شاهو، جو زبان جو ڏاڍو چتر ۽ سياڻو هو، تنهنکي موڪليائين ته صاحبن کي چئو ته "هي ڪهڙو ٺون ڀيک ڌاريو اٿو! اهي ڪهڙا ڪم ڇڏي ڏيو.

لکمي چند جي جنم کان جلد ئي پوءِ هڪڙو مسلمان فقير صاحبن کي گڏيو، جنهن چيو ته ”اي نانڪ نرنڪاري! جنهن ڪم لاءِ اوهين هن سنسار ۾ آيا آهيو، سو ڪم ته اوهان اڃا هٿ ۾ نه کنيو آهي. هيستائين ڇا وينا ڪريو؟“ صاحبن اُتر ڏنس ته ”پرمشور پاڻيهي پوري وقت تي پنهنجا ڪم ڪرائيندو. سڀ ڪجهه چڱي ڀت پوندي.“ اهي لفظ اهڙي مضبوط ارادي سان صاحبن جي مک مان نڪتا، جو فقير کي تسلي ٿي ۽ هو مانُ ڪري رمندو رهيو.

ڪجهه وقت کانپوءِ صاحب هڪڙي ڏينهن ويئي نديءَ ڏانهن دستور موافق سوير صبوح جو اشنان ڪرڻ لاءِ ويا ۽ گم ٿي ويا. صاحبن جي ٻه ڏينهن سانده ڳولا ڳولها ڪرايائون، پر پتو ئي ڪو نه پيو. حاسدن ۽ چغلن کي لڳو وجهه، سي بڪڻ لڳا ته ”ڏسو! اسان اڳيئي ڪو نه ٿي چيو ته هي ڪارخانو لٽائي اوچتو ئي اوچتو ڀڄي ويندو؟ ڀلا! ننڍڙو دڪان هيڏي سداورت جي سٽ ڪيستائين سهي سگهندو!“ پر جڏهين ٽئين ڏينهن صاحب فقط لانگوٽيءَ سان پرگهٽ ٿيا، تڏهن هنن جي منهن جو پنوئي لهي ويو. ماتا نانڪي ۽ ڀائي جئرام صاحبن جي پرگهٽ ٿيڻ جو ٻڌي اهڙا خوش ٿيا، جو ڄڻ ته نئين جيوت مليا هئن. هو اچي صاحبن کي سڪ سان مليا ۽ چيائون ته گهر هلي ڪپڙا پهري اچي والگر رهو. پر صاحبن ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو. تنهن تي

تہ ھنجي ڇوٽڪاري جو اُپاءُ وجي ڪر." ملي وجي صاحبن تي جهاڙون وڌيون ۽ تعويذ لکڻ لڳو. تنھنتي صاحبن ھينيون سلوڪ اُچاريو:-

"ڪمتي جن کي اُجڙي ڪلواڙي ناھين ٿانءُ
نانڪ ڏرگہ تنادا جهوٽا، جو لکہ لکہ ويڃن نانءُ."

[وار سارنگ محلا پهلا.]

مٿين ٽڪن جو مطلب ھيءُ آھي تہ جنھجي کيٽي ناس ٿي ويئي آھي، تنھجي کيٽيءَ کي انبار خاني جي ضرورت ئي ڪانھي. ڏڪار آھي اُنھن جي جنھن لي، جي پرميشور جو نالو لکي وٺن ٿا.

ملي سمجهيو تہ صاحبن منھنجي جهاڙ جي اَثر ڪري ڳالهايو آھي ۽ سچ پچ لڳت جو اثر اٿس. ھن صاحبن جي مٿين ٽڪن ڏانھن ڪو ڌيان ڪو نہ ڏنو ۽ وينو وڌيڪ جهاڙون وجهڻ. منتر جنتر پورا ڪري صاحبن کي "پولائڻ" جي مراد سان چوڻ لڳو تہ "اي پريت! پڌاء تون ڪير آھين؟" تنھن تي صاحبن راڳ مارو محلا پهلا شبد (٧) اُچاريو.

اُن جو مطلب ھيءُ آھي تہ ڪي پيا چون تہ نانڪ کي پريت جي ڇايا آھي، ڪي پيا چون تہ چريو ٿيو آھي، ڪي وري چون تہ ماڻھن جهڙو ماڻھو آھي. اسان تہ ويچارا ٿيا وينا ڏسون. پلي ماڻھن کي جڏهن وٽي لڳن چون، پر اسين تہ سچي محبوب لاءِ مست آھيون ۽ انھيءَ ڪانسواءِ ٻئي ڪنھنکي سڃاڻون ئي ڪين. سچو پچو

جيڪڏهين توهانکي پرمارٿ جو شوق آهي ته مون سان هلو ته توهانکي سادن فقيرن جي سنگت ڪرايان. موٽي گهر هلو ۽ سنسار جي ماڻهن جي ريت وٺو. انهيءَ ۾ توهانجو ڀلو ۽ ڪٽنب جو ڀي جس آهي." انهيءَ طرح ويچاري پنڊت، صاحبن کي گهر آڻڻ جي گهڻيائي ڪوشش ڪئي، پر صاحب پنهنجيءَ ڳالهه تي ٿي بيٺا. لاچار پنڊت نااميد ٿي موٽي آيو. پاڻي مولي جڏهن ڏٺو ته ٻين ڳالهين مان ڪجهه به نٿو وري، تڏهن نواب کي وڃي عرض ڪيائين ته "جهڪا طلب منهنجي ناٺيءَ جي هئي، سا پلائي ڪري ڏيو ته هنجي معصوم ٻچن ۽ اٻالي استريءَ جي ڪم اچي." پر نواب چيو ته منهنجي دل ته گهڻوئي ٿي چوي ته هنجا پئسا سندس ڪٽنب جي ڪتب اچن، پر مان ڇا ڪريان. مان ته لاچار آهيان. هو مونکي صفا چئي ويو آهي ته اهي پئسا غريبن کي خيرات ڏجو؛ تنهنڪري مان هنجي مرضيءَ جي برخلاف توکي پئسا ڏيئي نٿو سگهان. نواب جي هن لفظن ته آقي باقي پاڻي مولي کي ڳٽين جي درياهه ۾ ٻيڻون ڏياريون، ته ڪيئن ويچارن اٻهن جي پالنا ٿيندي. هن وري نواب کي چيو ته "سائين! توهانجي موديءَ جو مغز جاءِ نه آهي. توهين هن جي چئي تي ڪيئن ٿا عمل ڪريو؟" تڏهين نواب مولي کي صاحبن ڏانهن موڪليو ته "تون وڃي ڏس ته هنکي ڪا لڳت ٿي وئي آهي ڇا ۽ جڏهن انهن هجي

هلو.“ انهيءَ تي صاحب اُٿي هليا. جڏهن نواب جي ويجهو پهتا تڏهين هن نواب کي ڪو به سلام نه ڪيو ۽ ماٺ ڪري وڃي ويٺا. نواب پڇيس ته ”تو سلام ڪين ڪيو؟“ صاحبن جواب ڏنو ته ”جيستائين مان اوهانجيءَ نوڪريءَ ۾ هوس، تيستائين مون تي فرض هو اوهانکي سلام ڪرڻ؛ پر هاڻي جڏهين مون خاوند جي نوڪري هٿ ڪئي آهي، تڏهين اُنهيءَ کي ئي سلام ڪرڻ جڳائي.“ اِنهيءَ جواب تي نواب کي بخلي لڳي، پر ڪڇائين ڪين. پوءِ نواب پڇيو ته ”تو وارا ٧٦٠ رپيا پائي مولي کي ڏجن يا نه؟“ صاحبن چيو ته ”مون اِها رقم توهانجي حوالي ڪري ڇڏي آهي؛ جئن وڻيو تئن ڪريو.“ تنهنتي نواب اَڌ پئسا پائي مولي کي ڏنا ۽ اَڌ فقيرن ۾ ورهايا.

صاحبن جي سس ۽ سهري پنهنجي ڌيءَ جي حالت ڏسي ڏاڍو دکي ٿيڻ لڳا. پنهي وڃي پاڻ ۾ پڇ پڇايا ته روبرو وڃي پنهنجي نائيءَ کي سمجهايون ته من ڪو اثر ٿئيس. ڳڻتيون ڳڻيندا اچي صاحبن جي سامهون بيٺا ۽ چيائون ”ڏس! تو پنهنجا ڪهڙا حال ڪيا آهن؟ اڳي سڀڪن تي سهڻو هئين ۽ هاڻي جهنگلن ۾ پيو ڦرين. افسوس آهي ته وڻج جهڙي ڪرت ڇڏي تون هئين ٻي حال ٿيو آهن. توکي پنهنجن ٻالڪن جو موهه نٿو ٿئي؟ هاڻي هل گهر ۽ هلي اڳي وانگر رهه. جيڪڏهين موديخاني جي ڪرت مان ڪٿو ٿيو هجين ته اُها ڪٽي ته

ديوانو انھيءَ کي ٿي ڪوٺڻ گھرجي، جو پرميشور جي
پيار ۾ ھجي ۽ ھڪڙي ڏڻيءَ ڪانسواءِ ٻئي ڪنھن کي نه
ڄاڻي ۽ ھڪڙي پريوءَ جي ڪم ۾ رڌل رھي ۽ ھنجو
حڪم مڃي ۽ ھن سان پريم ڌاري ۽ پاڻ کي ٻچڙو سمجھي
۽ ٻين کي پاڻ کان وڌيڪ چڱو سمجھي. ٻڌايو ته توھانجي
نيڪي سڃاڻپ وري ٻيو ڇا ۾ اچي موڙھي آھي؟

اھو ٻڌي ملي کي پڪ ٿي ته صاحبن کي نڪا آھي
ڇرپائي ۽ نڪو آتن لڳڻ جو حساب. ھن اچي نواب
کي ٻڌايو ته "توھانجو مودي سياڻن کان سياڻو آھي. ھو
ڪو ڪامل شخص ٿو ڏسجي."

نواب کي جڏھين ملي کان پڪ ملي ته صاحب پوري
ھوش ۾ آھن، تڏھين ويچار ۾ پئجي ويو ته ھاڻي ٻين
بابت ڇا ڪريان. جيرام کي صلاح ڪرڻ لاءِ گھرايائين ۽
چيائينس ته ٻئسا پائي مولوي کي ڏيان يا نه. پائي جيرام
ويچارو مجھي پيو ته ڇا چوان. آخر ويچار ڪري نواب
کي چيائين ته "سائين! توھان ٻين جي باري ۾ ڏڻيءَ
کان روبرو گھرائي پڇو."

انھيءَ تي نواب صاحبن ڏانھن ماڻھو موڪليو. ھن
وڃي صاحبن کي چيو ته "نواب کي توھان کان ڪي
پڇڻو آھي؛ تنھنڪري اوھانکي گھرايو اٿس." صاحبن
چيو ته "نواب سان ھاڻي اسانجو ڪھڙو ڪم؟" نواب
وري صاحبن ڏانھن ٻيو ماڻھو موڪليو، جنھن نمرتا سان
وڃي صاحبن کي چيو ته "مھرباني ڪري نواب ڪانھن

هاڻي فقيري اختيار ڪئي آهي، سو اسانجي دين بابت گهٽ وڌ ٿو ڳالهائي، تنهنڪي گهرائي سمجهايو.

نواب صاحبن کي ماڻهو موڪلي گهرايو ۽ خوش خير عافيت ڪرڻ کانپوءِ چيائين ته ”افسوس آهي جو توهان جهڙو بانڪار عملدار وڃي درويش ٿيو آهي. درويشي ڇڏي اسان وٽ عملدار ٿي رهو.“ صاحبن جواب ڏنو ته ”اسانجو دنيوي حڪومت سان ڪم نه آهي.“ پوءِ نواب قاضيءَ کي چيو ته ”جيڪو سوال صاحبن کان ڪرڻو هجيئي سو ڪر.“ قاضيءَ صاحبن جي سامهون پهي چيو ته ”اوهين جو چئو ٿا ته نڪو ڪو هندو آهي نڪو مسلمان، سو اهي ته ڪفر جا ٻول ٿا ٻوليو. اوهانکي ڇا ٿيو آهي جو اهڙا ڪچا لفظ پنهنجي واتان ٿا ڪيو؟“ تنهنتي صاحبن مانجهه کي وار محلا پهلا پوڙي (٨) سلوڪ (١) اُچاريو، جنهنجو مطلب آهي ته مسلمان چوائڻ ڏکيو آهي. جڏهين ڪو سچو پڪو مسلمان هجي تڏهن پوءِ پال پاڻکي مسلمان چوائي. سچو مسلمان اُهو آهي، جو پهريائين اولياڻن جي واٽ وٺي ۽ اهنڪار دور ڪري، ڇو جو اهنڪار سچو ڌن لٽائڻ وارو آهي. پوءِ مسلمان کي گهرجي ته مرشد جي پيروي ڪري، مرڻ جيئڻ جو سنسو نه ڪري، خدا صاحب جو حڪم سر تي رکي مڃي، اُنکي خالق ڪري سمجهي، خودي دور ڪري ۽ سڀني مخلوقات تي ديا ڪري. وري قاضيءَ چيو ته ”اوهين اسلام جي گلا ٿا ڪريو.“

ڪچ." هتري چوڻ سان به صاحبن گهر وڃڻ جي وائي نه واري. آخر جڏهين پائي مولو ۽ چندو راڻي صاحبن کي چئن سان سمجهائڻ مان ڪڪ ٿيا، تڏهن چوڻ لڳس ته "جيڪڏهين فقير ٿيڻو هوءِ تڏهين شادي ڇو ڪئي ڪيءِ؟" هن صاحبن کي گهڻيئي تڏيون ڪوسمون ڏنيون، پر صاحب پنهنجي ارادي تي قائم رهيا. آخر هو لاچار ٿي موٽي آيا.

پائي مولي ۽ چندو راڻيءَ پنهنجي نياڻيءَ کي چيو ته هاڻي تنهنجي رهڻ جو ڪم هتي ڪونهي. تون هل اسان سان. ماتا نانڪيءَ چندو راڻيءَ کي سمجهايو ته "هنکي پاڻ سان وٺي نه وڃو. سڀني کي رزق ڏيندڙ پرمشور ٿي آهي. مان پنهنجيءَ آهر تنهنجي نياڻيءَ ۽ ڏوهٽن جي سار سنڀال پيئي لهنديس، پر جيڪڏهين توهانکي هنهنجو هتي رهڻ چڱو نه لڳي ته تلونديءَ وڃي رهن." ماتا نانڪيءَ گهڻو ئي هننکي ليلايو، پر هنن نه مڃيو. آخر ماتا نانڪيءَ هنن تي زور لاتو ته پلا رڳو بابا سريچند کي ڇڏي وڃو. اها ڳالهه ڏاڍي حيلن ڪانپوءِ هنن قبول ڪئي. پوءِ هڪ ٻئي کان موڪلائي پنهنجي نماڻيءَ ۽ بابا لکميچند سوڌو ڇوٽ ويا.

اُنهيءَ وقت ڏاري صاحب پنهنجي ٻاڻيءَ جي رستي چوڻ لڳا ته "نڪو ڪو هندو آهي نڪو ڪو مسلمان." قاضيءَ کي خبر پهتي ته صاحب هن طرح پيا چون. هن وڃي نواب کي چيو ته توهانجو اُڳيون مودي، جنهن

اِهو ٻڌي، نواب ۽ قاضي هڪ ٻئي ڏي واتڙا ٿي نهارڻ لڳا. اندر ۾ سمجهيائون ته صاحب چون ته سڀ سچ ٿا. پوءِ دل کولي اِها ڳالهه قبولهائون.

اوڏيءَ مهل صاحبن هنن کي سمجهائڻ لاءِ ماجهه جي وار محلا پهلا پوڙي (٧) سلوڪ (١) اُچاريو، جنهن جو ارٿ آهي ته هي قاضي! مسيت ديا جي ڪر، آسڻي صدق جي ڪر ۽ حق حلال کائڻ جو قرآن پڙهه. شرم روپي سنت ڪر، جت ست روپي روزو رکه، اهڙيطرح مسلمان ٿي رهه. چڱي هلت روپي ڪعبو ڪر، سچ کي پنهنجو مرشد ڪر ۽ ڪلمو ۽ نماز چڱن ڪمن جي ڪر. پرماتما جو ڀاڻو مڃڻ پنهنجي تسبيح ڪر. ائين ڪرڻ سان پرماتما تنهنجي لڄ رکندو.

پوءِ ڪيترا مسلمان، شيخ، قاضي ۽ خود نواب دولتخان گورو صاحبن جي چرڻن تي ڪري پيا ۽ پڇڻ لڳا ته "سائين! مهرباني ڪري ٻڌايو ته خدا صاحب جي طاقت ڪيتري آهي ۽ هن سان ڪيئن ملي سگهبو؟"

صاحبن اُنوقت هيٺيون مهاسندر سبد اُچاريو:-

جت در لک محمدا، لک برهمي بشن مهيس
لک لک رام وڏيريٿه، لک راهي لک ويس
لک لک اوٿيءَ جتي هيءَ ستيٿه تي سنياس
لک لک اوٿيءَ گورکا، لک لک ناٿا ناٿ
لک لک اوٿيءَ آسڻا، گور چيلي رهراس
لک لک ديوي ديوتي، دانو لک نواس

صاحبن جواب ڏنو ته ”اسين نه هندو ڪي مسلمان ڪي
جاڻون ٿي ڪين.“ تنهن تي نواب چيس ته ”جيڪڏهن
توهين ائين ٿا سمجهو ته توهان کي اسان مسلمانن سان
بندگي ڪرڻ ۾ ڪهڙو اعتراض هئڻ گهرجي؟ اڄ جمع
جو ڏينهن آهي ۽ هيئنر نماز جو وقت اچي ٿيو آهي.
هلو ته گڏجي هلي مسجد ۾ نماز پڙهون.“ صاحبن چيو
ته ”هلو، مان تيار آهيان.“ اها خبر جلد ئي سڄي
شهر ۾ پکڙجي ويئي. هر ڪنهن جي وات ۾ اها ئي وائي
هئي ته گورو نانڪ کي اڄ مسلمان ٿا ڪن ۽ اهڙو ڪو
ڪونهي جو نواب کي هن ڪميءَ کان هٽائي! آخر
ستگورو نواب سان گڏجي مسجد ۾ ويا. شهر جا ماڻهو
به پٺيان پيا ته ڏسون ته صاحب مسجد ۾ ڇا ٿا ڪن. هو
مسلمانن سان گڏ نماز پڙهڻ لاءِ ڪٺا ٿي امام ۽ جڏهين
مسلمانن گوڏا کوڙي سجدو ڪيو، تڏهين صاحب بيٺا
ئي رهيا. نواب اها حالت ڏسي صاحبن کي چوڻ لڳو
ته ”هتي نماز پڙهڻ آيا آهيو يا بيهڻ؟“ صاحبن چيو ته
مان ڪنهن سان گڏ نماز پڙهان؟ اوهانجو بدن ته هو هتي،
پر اوهانجو من وري قندار جي گهوڙن خريد ڪرڻ ۾
پئي وسيو.“ تڏهين قاضي چوڻ لڳو ته ”ڀلا! مونسان
گڏ ڇو نٿي پڙهيءِ؟“ تنهن تي صاحب فرمائڻ لڳا ته
”تنهنجي گهر ۾ هڪ وڇيرو پيدا آهي ۽ انجي پرسان
هڪ کوهه آهي. توکي نماز پڙهڻ وقت هي خيال هو
ته متان وڇيرو ڪڏهن ٽپي کوهه ۾ نه ڪري پوي.“

اِهو ٻڌي نواب دؤلت خان ۽ ٻيا ستگورن جي چرڻن تي ڪري پيا. سڀني قبول ڪيو تہ گورو صاحب وڏا اولياء آهن. پوءِ تہ نواب دؤلت خان پنهنجي گادي ڪين آڇي، پر صاحبن اُها قبول نہ ڪئي؛ ڇو جو ڪين دنيوي پدارٿن جي لوڙ نہ هئي. هو تہ نام جي رنگ ۾ ئي مست هئا.

صاحبن جي فقيراڻي ڀيک پائڻ ۽ قبرستان ۾ رهڻ جي خبر آهستي آهستي وڃي ڀائي ڪالوءَ ۽ سندس ڪٽنب جي ڪن چڙهي. ڀائي ڪالوءَ جو تہ هينئون ئي ڇڄي پيو. ماتا ترپتا کي بہ کائڻ پيڻ ئي نٿي اُڃيو. اهو سڄو ڏينهن ڳڻتين ۾ گذاريائون. ٻئي ڏينهن مردانيءَ کي سڏيائون تہ تون سلطانپور وڃي پڪي خبر وٺي آءُ تہ نانڪ برابر فقير ٿيو آهي ڇا. مردانو پند ڪندي ڪندي ماتا نانڪيءَ وٽ اچي پهتو ۽ هن کي چيائين تہ ”تنهنجي پتا ۽ ماتا مونکي هت خبر وٺي اچڻ لاءِ موڪليو آهي تہ نانڪ مودي خاني جي ڪرت ڇڏي فقيراڻو ڀيک ڌاريو آهي ڇا. سو ڀلائي ڪري مونکي ٻڌاءِ تہ اها ڳالهہ سچي آهي ڇا؟“ اهي سوال ٻڌي ماتا نانڪيءَ جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو ۽ چيائين تہ ”مونکي تہ زبان سان چوڻ ئي نٿو ٿئي.“ تڏهين مردانيءَ چيو تہ ”ڀلا! مونکي ٻڌاءِ تہ تنهنجو ڀاءُ ڪٿي آهي تہ مان روبرو وڃي سندس حال احوال وٺان.“ تنهن تي ماتا نانڪيءَ ڀرواري جهنگ ڏانهن اشارو ڪري

لک پير پيغمبر اولياءَ، لک قاضي ملان شيخ
ڪسيءَ سانت نہ آئيا، بن ستگور ڪي اپديش
سادڪ سڌ اگنت هيءَ، ڪهتي لک اپار
اينتڙا اپوڙ هيءَ، بن ستگور ڪي شبد ويچار
سر ناٿا ڪيءَ ايڪ ناٿ، ست نام ڪرتار
نانڪ تاڪي قيمت نا پوءِ، بي انت بيشمار.

تاتپرج

پرماتما جي در تي لکين محمد، لکين برهما، وشنو ۽ مهيش آهن. انهي در تي لکين رام جهڙا وڏا، لکين مت هلائيندڙ ۽ بيکداري آهن. انهي در تي لکين جتي، ستي ۽ سماسي آهن. انهي در تي لکين گورک ۽ ناٿن جا ناٿ آهن. اتي لکين آسڻ آهن، لکين گورو ۽ لکين چيلا، جي گوروءَ جي ڏيکاريل وات تي هلن ٿا. اتي لکين دئيت آهن. اتي لکين پير پيغمبر ۽ اولياءَ آهن ۽ لکين قاضي، ملا ۽ شيخ آهن. پر انهن سڀني مان ڪنهن هڪڙي کي بہ ستگوروءَ جي اپديش کانسواءِ سانت نہ ٿي اچي. اتي ڪئين لک جگياسو ۽ سڌ پرش آهن، جنجو ڳاڻيٽو ڪٿڻ جو نہ آهي. پر سڀيئي ستگوروءَ جي شبد جي ويچار کانسواءِ اپوڙ آهن. سڀني ناٿن ۾ ناٿ هڪڙو ئي آهي، جنهنجو نالو "ست نام ڪرتار" آهي. گورو صاحب فرمائين ٿا تہ انهي طاقت جي ڇيهہ نہ ٿي وڃي، ڇو جو هو بي انت بيشمار آهي.

جهنگ ۾ ڦٽا ڪري وينديون آهن، پوءِ اُنهن جي سنڀال ڪير ٿو لهي؟ تنهنڪري تون پنهنجي ڪٽنب جو ڪو به خيال نه ڪر." مرداني چيو 'ست وچن.' انهيءَ لئي صاحب هتي ڏاڍو پرسن ٿيا ۽ مٿس مهر ڪيائون. مرداني کي هاڻي فقط هڪڙو خيال رهيو ته جنهن ڪم لاءِ مونکي پائي ڪالوءَ ۽ ماتا ترپتا موڪليو آهي، سا خبر ته هنن کي رسائي اچان. پر وري دل ۾ چيائين ته ستگوروءَ جي صحبت مان ڪيئن ڇڏي وڃان؟ پاڻهي ڪو نه ڪو پائي ڪالوءَ ۽ ماتا ترپتا کي وڃي خبر پهچائيندو. اِئين چئي اُنيئي رهجي پيو ۽ آئينده صاحبن سان گڏ گذارڻ لڳو.

باب ڏهون

ماتا نانڪيءَ کان موڪلائي

مرداني جڏهن پنهنجو پڪو ٺهراءُ صاحبن سان گڏ رهڻ جو ظاهر ڪيو، تڏهين صاحبن چيس ته "اي مردانا! بازار ۾ وڃي رباب وٺي آءُ." هن چيو ته "سائين! پئسا ڪٿان آڻيان؟" صاحبن وراڻي ڏني ته "اسانجي ڀيڻ نانڪيءَ کان وڃي وٺ." تنهنتي هو ماتا نانڪيءَ وٽ ويو، جا مرداني کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿي ۽ هنکان پنهنجي پياري ڀاءُ جو حال احوال ورتائين ۽ ڪانئس اچڻ جو ڪارڻ پڇيائين. مرداني چيو ته "سوامي خوش چڱا ڀلا آهن. مونکي رباب خريد ڪرڻ لاءِ چيو اٿن ۽ چيائون ته اُن لاءِ پئسا منهنجي ڀيڻ کان وڃي وٺ."

چيو تہ ”اڄهو هن جهنگ ۾ ٿو رهي.“ مردانو اُٿان صاحب کي ملڻ لاءِ آيو. صاحب کي پريان گيڙوءَ رڱي ڪفنيءَ ۾ زمين تي لمبيل ڏسي شوڪارا ڀريائين ۽ چيائين تہ ”هي پرماتما! تنهنجي قدرت اپار آهي.“ صاحب کي ويجهو اچي چيائين تہ ”اوهان ڪهڙي خيال کان پنهنجي سنڌي ڪرت ڇڏي هيئن جهنگل ۾ اچي رهيا آهيو؟“

صاحب ورندي ڏني تہ ”ڀائي مردانا! اسانجي سر تي وڏو بوجو آهي. اهو اسانکي توڙ نباهڻو آهي. تون اُنهيءَ ڪم ۾ مدد ڏيڻ واسطي اسان لاءِ پورو پورو ماڻهو آهين. اسانجي مرضي آهي تہ تون اسان سان گڏ رهہ ۽ شبد ڪيرتن ڪري پنهنجو جنم سڌاري وٺ. هي سنسار آهي سپني سمان. جيڪي ڪي ڏسجي ٿو سو سڀ مٿيا آهي، تنهڪري سچي نام جي اوٽ وٺ. جنهن مان اَنت سمي ۾ ڪلياڻ ٿيندءِ.“ صاحب جا اهي وچن مرداني کي تير وانگر چڀي ويا. هن صاحب سان گڏ گذارڻ جو پڪ ٺهراءُ ڪيو ۽ صاحب کي چيائين تہ ”سائين! جيئن اوهانجي مرضي آهي تيئن ڪرڻ لاءِ آءٌ تيار آهيان. باقي ڪٽنب جو ويچار اٿم تہ انهنجي پالنا منهنجي پرپٺ ڪير ڪندو.“ صاحب چيو تہ ”سڀ کي روزي رسائڻ لاءِ هڪڙو ئي ڪرتار آهي. ڏس تہ ڪيئن نہ ڪٽيءَ ڪي، پهاڙ ۾ توڙي پاتال ۾ کاڌو ٿو پهچائي. ويچار ڪر تہ ڪوُنجون پنهنجا ٻچا

صاحبن چيس ته ”پياري پٽ! جڏهين تون اسانکي ياد
ڪندين، تڏهين تو وٽ پاڻيهي اچي حاضر ٿيندا سين.“
پوءِ صاحبن اُنسي ٿورو وقت ترسي ماتا نانڪي کان
موڪلايو.

صاحبن مرداني کي چيو ته ”فرندو ربابي، جو
فلاڻي جهنگ ۾ رهي ٿو، تنهنکان رباب وٺي آءُ.“
صاحبن جي آگيا موجب مردانو انهيءَ جهنگ ڏانهن روانو
ٿيو. وات تي هڪڙو ماڻهو گڏيس، جنهنکان فرندي
ربابيءَ جو پڇيائين. هن چيو ته ”آءٌ خود فرندو آهيان،
جيڪو ڪم هجيئي سو چؤ.“ تنهنتي مرداني هنکي
ٻڌايو ته ”ستگورو نانڪ ديو مونکي توکان رباب وٺڻ
لاءِ موڪليو آهي.“ اهو ٻڌي هو مرداني سان گڏجي،
صاحبن وٽ رباب سميت آيو ۽ اچي صاحبن جي چرنن
تي ڪري پيو ۽ رباب صاحبن جي اڳيان رکيائين. پوءِ
هو صاحبن کان موڪلائي ويو. صاحبن هاڻي مرداني
کي چيو ته ”رباب ڪڍي وڄاءِ.“ هن وڄائڻ شروع ڪيو
ته مڄهانئس ”توهين نرنڪار، توهين نرنڪار، نانڪ
بندا تيرا“ اهي لفظ نڪرڻ لڳا. اهو شبد رباب مان
اهڙيءَ للڪار ۽ ميٺاج سان پئي نڪتو، ڳالهه ڪرڻ جي
نه آهي. آدمي، پسون توڙي پکي، جي جتي هئا سي
تتي ڪپ ڪوڙ ٿي ويا ۽ هڪ ٽڪ ڌيان ڌري شبد ٻڌڻ
لڳا. صاحبن جي سماڌ به انهيءَ شبد تي لڳي ويئي.
جڏهين صاحبن کي دسمي دئار جي حالت ۾ ڏيهن

اهو ٻڌي ماتا نانڪي ڏاڍي خوش ٿي ۽ چيائين ته ”اڄ منهنجو ڀاڳ کليو آهي، جو مونتي هي فرمائش رکي اٿن. جيڪي پئسا توکي گهرجن سي ٻڌاءِ ته مان توکي ڏيان.“ مرداني چيو ته ”مان ڦريائين بازار مان جاچي ۽ قيمت جو ٺهراءُ وٺي، پوءِ اچي تو اوهان کان پئسا پئسا وٺان.“ ماتا نانڪيءَ چيس ته ”جيئن توکي سهنجو لڳي تيئن بلاشڪ ڪر.“ پوءِ هن چيس ته ”منهنجي ڀاءُ کي منهنجي طرفان وڃي وينتي ڪجءِ ته مونکي درشن ڏيئي وڃي.“ مرداني چيو ته ”گهڻي خوشيءَ سان تنهنجو نياپو ڏيندس.“ پوءِ هو بازار ۾ رباب ڏسڻ ويو، جتي وڃي، اُتي ماڻهو مٿس چٿرون ڪرڻ لڳن، چي ”اِجهو ڪراهيءَ جو ربابي ٿو وڃي.“ هو ويچارو سڀ ڏينهن رباب ڳوليندي ٿڪو، پر ڪو به پسند ڪو نه آيس. آخر صاحبن وٽ موٽي ويو ۽ هنن کي وڃي ٻڌايائين ته ”ڀولائتي رباب لاءِ ڳولي ٿڪس، پر هٿ ڪو نه آيم ۽ ماتا نانڪيءَ اوهانجي درشن لاءِ گهڻي وينتي ڪئي آهي.“

صاحب پنهنجي ڀيڻ جو پيار ۽ سرڌا سان ڀريل نياپو ٻڌي، هن وقت مرداني سان گڏجي ويا. ماتا نانڪيءَ کي اوڏي مهل جا خوشي ٿي، سا بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. ڪشل آنند ڪرڻ کانپوءِ نانڪيءَ پنهنجي ڀاءُ کي چيو ته ”مونکي توهانجي درشن جي سدائين پياس رهي ٿي، تنهنڪري مونکي درشن ڏيندا رهو.“

منهنجي مرضي آهي ته موٽي گهر وڃان." ماتا نانڪيءَ سمجهايس ۽ چيائينس ته " جيسين تون هتي اسان جي پرسان هجين، تيسين اسان وٽ به وقتو اچي روٽي کائيندو رهج ۽ جيڪڏهن پري ڪٿي هجين ته مان توکي پيسا ڏيئي ڇڏيان، انهن مان روٽي وٺي پورائي پيو ڪج. منهنجي ڀاءُ کي اڪيلو ڇڏڻ منهنجي منهن تي ڪونه ٿو پوي." انهيءَ چوڻ تي مرداني صاحب وٽ رهڻ قبول ڪيو. اوڏي مهل ماتا نانڪيءَ هنکي ويهه رپيا هٿ ۾ ڏنا ۽ نئون جامو به پهرايائينس.

مردانو رباب ڪلهي تي کڻي صاحب وٽ موٽي آيو. صاحب پڇيس ته " مردانا، ڇو موٽي آيو آهين؟" هن ٻڌايو ته " ماتا نانڪيءَ مونکي توهان سان گڏ رهڻ لاءِ ستايو ۽ پڻ پيسا ۽ جامو به مونکي ڏنائين ۽ توهان لاءِ ڏاڍي نماڻائيءَ سان وينتي ڪيائين ته مونکي درشن ڏيئي وڃو." صاحب چيس ته " مردانا! توکي پيسا وٺڻ نه کپندا هئا. هن مايا سان پريت رکڻ پاڻ کي جنجالن ۾ اٽڪائڻ آهي. جڏن جڏن پيسن جو خيال ڪيو، تڏن ترشنا پيئي وڌندي، جنهن مان ڪئين وڪار پيدا ٿين ٿا. پرميشور تي ئي پاڙڻ گهرجي. هو سڀ جون گهرجون پوريون ڪري ٿو. ڏس ته هو ڪيئن نه جيو جي ڄمڻ کان اڳيئي هنجي رکيا لاءِ ماءُ جي ٿڻن ۾ کير پيدا ٿو ڪري! تنهنڪري تون من کي استر ڪري پيسن جو خيال نه رک." مرداني چيو ته " سائين مون

لڳي ويا، تڏهين مرداني کي به بک اچي وياڪل ڪيو.
خيال ڪيائين ته شهر ۾ وڃي روٽيءَ ٽڪرو کائي اچان؛
پر وري ويچار ٿيس ته صاحبن کي ڇڏي ڪيئن وڃان؟
جڏهين ستگورن جي سماڌ کلي، تڏهين مرداني هٿ
ٻڌي عرض ڪيو ته "سائين! مونکي موڪل ڏيو ته
مان ڳوٺ وڃان. توهان سان گڏ رهڻ مونکان ٿو پڄي.
توهانکي ته اُڃ ۽ بک جي پرواهه نه آهي پر منهنجو اَن
جل بنا ساهه ئي سڪيو وڃي. مونکي ٽي ڏينهن سانده
لڳي ويا آهن ته ڪاٺو اکين ڪين ڏٺو اٿم. منهنجو
هن نموني ته گذران هلي ڪين سگهندو." تڏهين
ستگورو فرمائڻ لڳا ته "ڀائي مردانا! اسان وٽ ته اهڙا
ڪشٽ سهڻا پوندا. جي اُهي سهي پار پئين ته پرلوڪ
جا سک ماڻيندين. مگر جيڪڏهين تنهنجي مرضي هروڀرو
وڃڻ ٿي ٿئي ته اسين توکي روڪ ڪانه ٿا ڪريون."
مرداني کي اِتي غيرت آئي ۽ ويچاري چيائين ته
"سچا پاتشاهه! جيڪڏهين مونتي اهڙي ڪرپا ڪريو،
جو اُڃ بک لڳيم ئي ڪانه، ته پوءِ مان توهان سان گڏ
رهان؛ نه ته موڪل ڏيوم." ستگورو چوڻ لڳا ته
"پرميشور سڀني جي پالنا سندن ڪرمن انوسار ڪندڙ
آهي، ائين هوندي به جيڪڏهين تنهنجي مرضي وڃڻ
ٿي ٿئي ته اسين توکي جهلون ٿا." پوءِ مردانو ماتا
نانڪيءَ وٽ آيو، جنهنکي اچي ٻڌايائين ته "مون کان
جهنگ جون تڪليفون سٺيون نٿيون ٿين، تنهنڪري

نالي آهي. هل ته هلي هنجو ديدار ڪريون." پوءِ اوڏانهن پنڌ پيا ۽ گهمندا ڦرندا سترهين ڏينهن اچي شهر ۾ پهتا ۽ ڀائي لعلوءَ جو گهر پڇائي اُتي ويا. ڀائي لعلوءَ اُن وقت پنهنجو واڍڪو ڪم پئي ڪيو. هن جڏهين ڏٺو ته سنت منهنجي گهر آيا آهن، تڏهين پنهنجو ڪم ڇڏي اچي صاحبن کي پيرين پيو ۽ هٿ جوڙي صاحبن ۽ ڀائي مرداني کي آسن ڏيئي چيائين ته "سوامي! اوهانجي درسن ڏني منهنجي من کي آنند ۽ فرحت اچي ٿي. اوهين ڪرپا ڪري ٻڌايو ته ڪٿان آيا آهيو. اوهانجي پوشاڪ مان ڄاڻان ٿو ته اوهين ڏوراهين ديس جا آهيو. ڪرپا ڪري سڀ حال ڪان مونکي واقف ڪريو." صاحبن جواب ڏنو ته "پيارا اسين پرديسي فقير آهيون ۽ اسانجو گهر دور آهي. ملڪ جو سير ڪندي ڪندي هتي اچي سهڙيا آهيون."

اهو ٻڌي ڀائي لعلوءُ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته "ڀلي آيا! جيءُ آيا! مونکي اوهانجا وچن ٻڌندي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. ڪرپا ڪري پنهنجي نالي کان پڻ واقف ڪندا." صاحبن ڪهس چيو ته "پيارا، نالي جي به جلد خبر پئجي ويندءِ. تون هاڻي وڃي پنهنجو ڪم ڪر."

ڀائي لعلوءُ چوڻ لڳو ته "ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته سري نانڪ نالي هڪڙو تپشي پرگهٽ ٿيو آهي. دَيا پالي ٻڌايو ته اُهي توهين آهيو يا ڪين؟" ٽهڪتي ڀائي

گهري ڪونه ورتا، توهانجي پيءُ مونکي پاڻيهي ڏنا."
پوءِ ستگورو مرداني سان گڏجي ماتا نانڪيءَ وٽ ويا. هوءَ صاحبن کي ڏسي اچي پيرن پئي. صاحبن چيس ته "تون منهنجي وڏي ڀيڻ، توکي اِها هلت وڻڻ نه جڳائي. جيڪڏهين اِئين ڪندينءَ ته مان آئينده تو وٽ نه ايندس." ماتا نانڪيءَ چيو ته "جئن اوهانجي مرضي هوندي تئن ڪنديس، پر مونکي پنهنجي دل تان لاهي نه ڇڏجوءِ درسن ڏيندا رهجو." پوءِ صاحبن مرداني کي چيو ته "پئسا موٽائي نانڪيءَ کي ڏي." مرداني پئسا ڪڍي ماتا نانڪيءَ جي اڳيان رکيا، پر هن وٺڻ جي نه ڪئي. تنهنتي صاحبن سمجهايس ۽ انهيءَ ڪري لاچار اهي پئسا کنيائين. هاڻي صاحبن ماتا نانڪيءَ کان موڪلايو. هن وري چيو ته رهي پئو، پوءِ جهڙي نموني ۾ اوهان کي وڻي اهو نمونو وٺو، پر صاحبن هنکي دلاسو ڏنو ته جڏهين جڏهين تون اسان سان ملڻ چاهيندينءَ، تڏهين توکي اچي درسن ڏينداسون.

باب يارهون

ڀائي لعلوءَ جو پرسنگ

گورو صاحب ماتا نانڪيءَ کان موڪلائي مرداني سان گڏجي سعدپور ڏانهن روانا ٿيا. سعدپور کي هينئر ايمناآباد چوندا آهن، جو پنجاب ۾ گجرانوالا ضلع ۾ هڪ مشهور شهر آهي. صاحبن واٽ تي ئي مرداني کي چيو ته "پيارا، ايمناآباد ۾ هڪ پريمي واڍو لعلوءَ

(١) شروڻ = پرميشور جو نالو پريم سان سڻڻ .
(٢) ڪيرتن = پرميشور جو نالو پريم سان ڳائڻ .
(٣) سمرڻ = پرميشور جو نالو پريم سان من ۾ ياد ڪرڻ .
(٤) پاد سيون = سندس چرنن جي پريم سان سيوا ڪرڻ .
(٥) ارچن = سندس پوڄا پريم سان ڪرڻ .
(٦) وندنا = پريم سان نمسڪار ڪرڻ .
(٧) داسيه = پرميشور جو داس ٿيڻ .
(٨) سکيه = پرميشور جو سکو يا مترُ ٿيڻ .
(٩) آتم نويدن = پاڻ پرميشور کي اَرپڻ .

پيارا ، نؤڌا ڀڳتيءَ واري کي مايا موهي نه سگهندي ۽ هو پرماتما جي پريم ۾ سديو مگن رهندو . ڀائي مردانو اهو ٻڌي مهاراجن جي چرنن تي سر نوائي چوڻ لڳو ته "سوامي! اوهين منهنجا به جنم جنمانترن جا دک دور ڪريو ."

ايتري ۾ ڀائي لعلوءَ اچي اَرداس ڪئي ته "سوامي! پرساد تيار آهي ، سو کائي مون داس کي نوازيو ." ستگورو فرمائڻ لڳا ته "پيارا ، پرساد هتي ئي کڻي اچ ته کائون ." ڀائي لعلو چوڻ لڳو ته "مهاراج! هلي چؤنڪي ۾ کائو ." صاحبن جواب ڏنو ته "ڀائي لعلو! اسانجو چؤنڪو ساري ڌرتي آهي ، سو جتي ڌرتي آهي ، اُتي اسانجو چؤنڪو آهي . تون هتي پرساد کڻي آءُ ." اهو جواب ٻڌي ڀائي لعلو خوش ٿيو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ته "هي ڪو جيون مڪت ٿو ڏسجي ، جنهنکي

مردانو ڪنهن چوڻ لڳو ته ”اها، سرڌا ڪٿي ڌار نه هئي اهوئي آهي.“ پوءِ ڀائي لعلوءَ مرداني کان پڇڻ لڳو ته ”ڀائي! تنهنجو نالو ڇا آهي ۽ تون ڪٿي جو رهاڪو آهين؟“ ڀائي مرداني جواب ڏنو ته ”منهنجو نالو مردانو آهي. مان **بيدي** ڪل جو ميراثي آهيان ۽ منهنجو خاوند سري گورو نانڪ ديو آهي. مان سائنس سنگ ڪندو تو اچان.“

اهو ٻڌي ڀائي لعلوءَ ٻئي هٿ جوڙي مهاراج کي نمسڪار ڪئي ۽ پنهنجو سر سندن چرڻن تي نوايو. پوءِ کين هڪ سنهڙي کٽ تي ويهاري ڀاڄي رسوئي تيار ڪرڻ ويو.

سندس پرٻت ڀائي مرداني صاحب کان پڇيو ته ”سوامي! هي ڪير آهي، جنهن تي اوهان هيتري ڪرپا ڪئي آهي؟ مونکي ته هي ڪو وڏو ٻڌوان ڏسڻ ۾ اچي ٿو.“ صاحب فرمايو ته ”مردانا، هي شخص نؤڌا ڀڳتي ڪندڙ آهي. هنکي ڀڳتي ڪندي گهڻو وقت ٿيو آهي. هينئر ٻه هو وڏي ڪمائيءَ وارو آهي.“ ڀائي مردانو پڇڻ لڳو ته ”غريب نواز! نؤڌا ڀڳتي ڇا کي چوندا آهن؟ ڪرپا ڪري مونکي سمجهايو.“ سوامي فرمائڻ لڳا ته ”هن سنسار ساگر ترڻ لاءِ نؤڌا ڀڳتي هڪ تمام چڱو اپاءُ آهي. ڀڳتيءَ جون پوڙيون يا ڏاڪا (٩) آهن، جنکي نؤڌا ڀڳتي ڪري سڏبو آهي. اهي هيٺيون آهن:-

فرمائڻ لڳا تہ ”سچ پچ اسانکي تنهنجي ڀوڄيءَ مان اَمرت جھڙو سواد اَچي ٿو ۽ اسين اڄايو هنڪي ڪونہ ٿا ساراهيون.“

اھڙيطرح صاحب ڀائي لعلوءَ جو ساڌو ڀوڄن کائي ڪرتار جو ڪيرتن ڪندا رهيا. ڳوٺ جا هندو صاحبن کي ڏسي گهڻئي عيب ڪڍڻ لڳا. ڪو چوي تہ هي ڪراهي آهي، يعني اُبتي راهہ تي هلندڙ آهي. ڪو وري چوي تہ هيءُ ڌرم ڀرشٽ ڪري ويٺو آهي، جو ڪتري تي هڪ شودر واڍي جي گهر گذاري ٿو ۽ اُنجو تيار ڪيل ڀوڄن کائي ٿو. مطلب تہ ڳوٺ ۾ جنهنکي جتي ٿي وڻيو، تتي تنهن ٿي چيو ۽ هرڪو ”ڪراهي“ چوندو، صاحبن کان پري ڀڄڻ لڳو ۽ ڪوبہ صاحبن وٽ ويجهو نہ پئي آيو. اھو حال ڏسي ڀائي مرداني صاحبن کي چيو تہ ”سوامي! هي ڳوٺ ضرور ڇڏڻ گهرجي، ڇو جو ماڻهو اوهانکي ”ڪراهي“ ”ڪراهي“ سڏين ٿا ۽ بد لفظ ڪڍن ٿا.“ صاحبن هنکي ڌيرج ڏيئي چيو تہ ”پيارا دل نہ لوڙهہ. جهان جي اُستت لعنت برابر آهي. اسين ڪراهيءَ چڱا آهيون، جو ڪرتار جي پاسي هلي رهيا آهيون.“

ٻئي صبح جو صاحبن ڀائي لعلوءَ کان موڪلايو ۽ چيو تہ ”هاڻي آسرو ڪرتار جو. اسين ٻئي ديس ڏانهن وڃون ٿا.“ ڀائي لعلوءَ مهاراجن جي تياريءَ جو ٻڌي دلگير ٿي عرض ڪيو تہ ”مهاراج! مونکان ڪهڙو

ذرو به ڏيهه ايمان نه آهي."

جلد ئي ڀائي لعلو صاحبن ۽ ڀائي مرداني لاءِ بلڪل سادو پرساد کڻي آيو. ڀائي مردانو جهڙڪي عمدي ڀوڄن کائڻ تي دل هڻي، سو ٻاجهريءَ جو ڏوڏو ڏسي صاحبن ڏانهن نهارڻ لڳو. صاحبن سمجهي ورتو ته هيءَ هن کاڌي تي راضي نه آهي، سو هڪ ڏوڏو هٿ ۾ کڻي گورو صاحبن کيس ڏنو ۽ پڇائونس ته "ڀائي، کائي، ٻڌاءِ ته هن ۾ ڪو سواد آهي يا نه؟" ڀائي مردانو جڏهن اهو اَمرت روپي ڏوڏو کائڻ لڳو، تڏهن هنکي اهڙو ته سواد آيو، جو سڀ پدارٿ وسري ويس. هو صاحبن کي چوڻ لڳو ته "سوامي! مون يا عمر ههڙو عمدو ڀوڄن ڪو نه کاڌو آهي." تڏهن گورو صاحب فرمائڻ لڳا ته "ڀائي مردانا، اهڙو پريمي ڀڳت به اڳي ڪو نه ڏنو هوندو. هي سڀ سواد پريم جو ئي آهي."

ڀائي لعلو اِها سموري وارتا ٻڌي چوڻ لڳو ته "وڏن جي وڏائي اِهائي آهي جو هو فقط پريم کي ڏسندا آهن ۽ ڀوڄن جو ڪو ويچار ڪو نه ڪندا آهن. جهڙيطرح سري ڪرشن مهراج دريوڌن جا نانا پرڪارن جا ميوا مٺايون ڇڏي، ودر جي ڀاڄي قبول ڪئي ۽ سدامي ڀڳت جا چانور خوش ٿي کاڌا؛ سري رامچند مهراج رشين جا امرت روپي ڀوڄن ڇڏي، ڀيلڻيءَ جا جوٺا ٻير انگيڪار ڪيا، تهڙيطرح اوهين به ڪرپا ڪري مون غريب جو ڏوڏو ساراهيو ٿا." گورو صاحب مرڪي

آهي؛ جي ٿو مانت ڪري ويهان تہ چون ٿا تہ ٿڏو
وڃائي يعني سست ٿيو ويٺو آهي؛ جي اُٿي ٻاهر ٿو
وڃان تہ چون ٿا تہ هن مٿي ۾ ڌوڙ پائي آهي يعني وڃي
فقير ٿيو آهي؛ ڪل بدنام ڪيو اٿس؛ جي ٿو نمان تہ چون ٿا
تہ ٻپ جي ڪري. هنانهين ٿو هلي؛ مطلب تہ ڪوئي
رستو ڪونهي جنهن ڪري پنهنجو وقت سانت ۾ گذاريان.
شل ڪرتار منهنجي پت لوڪ پرلوڪ ۾ رکي!

"پائي لعلو! سنسار جا جيو تہ اهڙا آهن، جو سندن
ڇنڊي پڇاڙڻ نہ هلجي، ڇو جو هنن کي اڳي پوءِ جي خبر
ڪانہ پوندي آهي؛ اُنهن کي خوش ڪرڻ بلڪل ڏکيو
آهي. پر مردانو بہ لوڪن جي چوڻ پچوڻ کان بلڪل اُداس
ٿي پيو آهي؛ چوي پيو تہ هاڻي هي شهر ڇڏجي."
پائي لعلو وري بہ صاحبن جي قدمن تي ڪري پيو؛
هٿ ٻڌي وينتي ڪيائين تہ "سوامي! ٻيو نہ، تہ بہ
هڪ مهنو مون داس جي گهر ترسو، پوءِ جيڪا
اوهانجي آگيا."

ستگورو سچا پاتشاه پائي لعلوءَ جي پريم ڀريل وينتي
سڻي، پائي مرداني کي چوڻ لڳا تہ "پيارا، اسان کي
هن پريم جي رسيءَ ۾ ٻڌي ڇڏيو آهي. اسين هن کي
موٽائي نٿا سگهون. هن جي مرضي ضرور رکبي. هڪ
مهنو هتي گذاري پوءِ ٻئي طرف هلڻ جو ويچار ڪنداسون."
اهو ٻڌي پائي مردانو چوڻ لڳو تہ "سوامي! جيڪا
اوهانجي مرضي. مان اوهانجو داس اوهانجي حڪم

قصور ٿيو آهي، جو مون غريب جو گهر ڇڏي ٻئي پاسي وڃو ٿا؟" صاحب فرمائڻ لڳا ته "ڀائي لعلو! تون اسانکي بلڪل پيارو آهين. تنهنجو قصور ذرو به ڪونهي، پر هتي جا ماڻهو اسانجي رهڻ ۾ رنج ٿا ٿيسجن، تنهنڪري حال في الحال توکان موڪلايون ٿا." ڀائي لعلو هٿ ٻڌي عرض ڪرڻ لڳو ته "سوامي! سڄڻ جو اهو ئي مٿو هوندو آهي ته هو اڳلي جو پريم نه ٿو ڄيندا آهن. اوهانجي رهڻ ڪري منهنجا اٺ ئي پهر آنند ۾ گذرن ٿا. لوڪ پيا ڏوڙ پائن. آنهن سان اوهانجو ڪهڙو پريوجن؟ اوهين ڪرپا ڪري ڪو وقت اَجا هتي ترسو." گورو صاحب چوڻ لڳا ته "ڀائي! تون سچ ٿو چوين، لوڪن جي ڳالهه تي ڪهڙو ڀروسو آهي؟" انهن ڇنئي صاحب هنئين طرح فرمائڻ لڳا:-

چپ ڪرانا آکيئي، اِت گهٽ ناهي مت
جي ٻولان تا آکنئي، ٻڙ ٻڙ ڪري ٻهت
جي ٻئنان تا آکيئي، ٻئنا سٽر گهٽ
اَٺ چلان تا آکنئي، چار ڳئا سر گٽ
جيڪر نوان تان آکنئي، ڏردا ڪري ڀڳت
ڪائي ڳلي نه مهوڙي، جت ٻه ڪيان جهت
انئي اَتي نانڪا، ڪرتا رکي پت.

جنهنجو مطلب آهي ته جيڪڏهين مانڪ ڪري ٿو وهان ته سنسار جا لوڪ چون ٿا ته هنکي ڪو هوش ڪونهي؛ جي ٿو ڳالهايان ته چون ٿا ته ٻڙ ٻڙ لائي ويٺو

آهي، جو سڀ ۾ وياپڪ ۽ سڀني کان اَلڳ آهي. پيو
سڀ پسارو مايا جو کيل آهي." اِهو اُپديش دل سان
هنڊائي، سڀ سنسا دور ڪري، پاڻي لعلو هڪ وڏو
گياناوان ٿي پيو. سچي ڳالهه هيءَ آهي ته جنهنجي اندر
۾ ستگوروءَ جي سورج روپي چرنن سان پريت ٿئي ٿي،
تنهنجي اندر ۾ اَگيان روپي اونده رهي نٿي سگهي.
گورو صاحب سري آسادي وار ۾ فرمائين ٿا:-

" بلهاري گور آپڻي، ڏيهاڙي سد وار
جن مانس تي ديوتي ڪئي، ڪرت نه لاگي وار."

[سري آسادي وار پؤڙي (١) سلوڪ (١)]

جنهنجو مطلب آهي ته مان پنهنجي گوروءَ تان ڏهاڙي سوين ڀيرا بلهار وڃان، جنهن ماڻهوءَ مان ديوتا ڪيو ۽ انهن ڪرڻ ۾ دير نه لڳس.

اهڙيطرح صاحبن کي پاڻي لعلوءَ وٽ رهندي پندرهن ڏينهن مس گذريا هئا ته اُن شهر جي ظالم پٺاڻ حاڪم جي وزير ملڪ ڀاڳوءَ پنهنجي ناموس ڪيڻ واسطي پاپ جي ڪئي کيل ڏن مان يگيه ڪرڻ جو ارادو ڪيو. هن پنهنجي برهمڻ کي گهرائي چيو ته تون سڀني ورنن کي نوتو ڏيئي اچ ۽ پاڻ نانا پرڪارن جي ڀوڄن تيار ڪرائڻ ۾ مشغول رهيو. وات تي برهمڻ کي ستگوروُ گڏيا، جنکي پڻ برهمڻ يگيه جو نوتو ڏنو ۽ چوڻ لڳو ته "وزير صاحب وڏو يگيه ڪيو آهي، جتي سڀني ورنن جا ماڻهو اچي کنا تيندا ۽ عمدا ڀوڄن کائيندا؛

سڄڻ لاءِ هردم تيار آهيان."

ٻن ڏينهن گذرڻ کانپوءِ جڏهن هڪڙي وقت ڀائي لعلوءَ گورو صاحب کي زور ڀڳي ڏنا، تڏهن ڀائي مردانو هٿ جوڙي وينتي ڪرڻ لڳو ته "سوامي! اوهانجي هتان هلڻ ۾ اڃا گهڻا ڏينهن پيا آهن. جيڪڏهين آگيا ٿئي ته تنهن وچ ۾ مان تلونڊيءَ مان ٿي اچان ۽ گهر به خبر ڏيان ته مان سائين جن سان سفر تي وڃان ٿو." صاحبن مرڪي ڀائي مرداني کي چيو ته "ابا، تنهنجو ساهه گهر ۾ ٽنگيو پيو آهي، سو تو کي ڪٿان تو سک اچي؟ چڱو، تون وڃ ڳوٺ ۽ جيڪو حال هتي ڏسين تون، تنهن مان سڀني کي واقف ڪج. اُتهن ته ڪجاڻ جو گهڻو وقت ويهي رهن. اسانجو تو ۾ اڃا گهڻو ڪم آهي، سو جلد موٽ ڪائج." پوءِ ڀائي مردانو صاحبن کان موڪلائي تلونڊيءَ روانو ٿيو ۽ وڃي پنهنجي ڪٽنب قبيلي سان گڏيو.

هيڏانهن صاحب صبح جو سوير اُٿي جهنگ ڏانهن ويندا هئا ۽ سارو ڏينهن اُتي گذاري رات جو ڀائي لعلوءَ جي گهر ايندا هئا. ڀائي لعلو گهڻي پريم سان ڀوڄن تيار ڪري کارائيندو هو ۽ ٻي به هر طرح جي شيوا جهڙوڪ زور ڏيڻ، پکو هڻڻ وغيره ڪري خوش ڪندو هو. ڀائي لعلو ڏينهن جو پنهنجي ڪرت ڪار کي لڳو پيو هوندو هو ۽ رات جو صاحبن جي ٽهل ۾ آنند ونندو هو. گورو صاحب ڪيس اُپديش ڪندا هئا ته "پرماتما هڪ

چيو ته ”مون ٻاڻ ڪيس نوٽو ڏنو هو، پر هو پنهنجي مغروريءَ ۾ ٻڏو آهي ۽ ڪنهنجي ٻڌي ئي نٿو. سائين! وڏي عجب جي ڳالهه اها آهي جو هو سودر لعلوءَ جي گهر جو ڀوڄن وٺي ٿو، پر اوهان ڌرماتما پرشن جي ڀوڄن وٺڻ کان عار ٿو اچيس. سائين! هو وڏو هٺيلو آهي. هڪي ائين ڇڏي ڏيو ته ڳالهه چڱي نه ٿيندي.“ برهمڻ جا زهريلا لفظ ٻڌي ملڪ ڀاڳو ٽپي باهه ٿي ويو ۽ برهمڻ کي چوڻ لڳو ته ”مهراج! هينئر ئي وڃي ڪيس سڏي اچ ته پڇونس ته ڇو ڪين آيو. اسانجو ڏپ ٻه ڪيس ڪونه ٿيو، جو اسانجي سڏ تي ڪونه آيو!“

برهمڻ خوش ٿي ڀائي لعلوءَ جي گهر ويو ۽ ٻاهر ويهي ڀائي لعلوءَ کي سڏي پڇائين ته ”نانڪ ٽپشي اندر آهي؟“ ڀائي لعلوءَ چيو ته ”سوامي جن اندر ويٺا آهن. ڪو ڪم منجهن هجيئي ته چئو.“ اهو ٻڌي برهمڻ چوڻ لڳو ته کين ٻاهر موڪل. اسانجو ڪو ڪم منجهن آهي. گورو صاحب ٻاهر آيا ۽ برهمڻ کان پڇڻ لڳا ته ”ابا، تنهنجو ڪهڙو ڪم اسان ۾ آهي؟“ برهمڻ چوڻ لڳو ته ”سائين! ملڪ صاحب اوهانکي گهرايو آهي، جيڪڏهين اوهين نه هلندا ته وري ٻيو ماڻهو اوهانکي موڪليندو.“ تنهنتي صاحب فرمائڻ لڳا ته ”اسانجو ڪم ملڪ سان ڪهڙو آهي؟ اسين ته ڪيس سڃاڻون به ڪونه. اسين ڪنهن سان به ڏيڻ وٺڻ جو ڪم

اوهين به اُتي ديا پالي اچجو."

صاحبن برهمڻ کي چيو ته "پيارا، اسين فقير ڪنهن ورن ۾ نه آهيون. اسانجو هلڻ اُتي ڪونه ٿيندو." تنهنتي هو برهمڻ اچي منٿيو، ڇو ته انهيءَ سبب ڪري ٿي لوڪ اوهانکي "گراهي" ڪري ڪوٺين ٿا. اوهان ته لوڪ ريت ڇڏي ڏني آهي. هاڻي مان اوهان کي ڳجهه جو ٻڌايان ٿو. آئينده اوهانجي مرضي، پر ايترو سو ٻڌايانو ٿو ته جيڪڏهين اوهين ڳجهه ٿي نه ايندا ته، ملڪ صاحب ڏايو ڪاوڙبو ۽ اوهانکي شهر مان لڏائي ڇڏيندو." اُئين چئي برهمڻ هليو ويو ۽ ڪرپا جا ساگر ستگورو جهنگ ڏانهن روانا ٿيا.

نيٺ ڀنڊارو تيار ٿيو ۽ سڀني ورن جا ماڻهو عمدا ڀوڄن کائي ملڪ جو ناموس ڳائيندا هليا ويا. پر منجهن ڪو ويچاروان ڪونه هو، جو ڪُٺي ويچار ڪري ته اِهو ڌن پاپن ۽ سختين ڏيڻ سان ڪٺو ڪيو ويو آهي، جنهن مان اِهي ڀوڄن تيار ٿيا آهن. سڀ هٿا ڀيٽ ڀاڙو، سو کائي ڏڪا وٺي اُستت ڪندا روانا ٿيا. نيٺ جڏهين شام ٿي ۽ ستگورو ڀائي لالوءَ جي گهر موٽيا ۽ هو ڏانهن ملڪ جي پاسي ماڻهن جي ڀڙ ڀڙي ٿي، تڏهين برهمڻ ملڪ ڀاڳوءَ جا ڪن ڀرڻ لڳو: ته "سائين! اوهان وٽان سڀ ڀوڄن کائي خوش ٿي ويا، فقط نانڪ نالي هڪ ڪنري، جو پاڻکي ڀپو ٿو سڏائي، سو نه آيو." تنهنتي ملڪ پڇڻ لڳو ته هنکي ڪنهن نوتو ڏنو هو. برهمڻ

ڪم اسان ۾ آهي؟" ملڪ ڀاڳوءَ چيو ته "اوهين اسانجي
برهم ڀوج لاءِ ڇو ڪين آيا؟ اوهانکي نوتو به مليل
هو، تڏهين به ٻڌو اٿؤ ڪري ڇڏيو. اوهان اسانجي
برهم ڀوج ۾ ڪهڙو دوش ڏٺو، جنهنڪري نتائي ويهي
رهيا؟" صاحبن ڪيس جواب ڏنو ته "اسين هڪ هنڌ
رهڻ وارا ڪونه آهيون ۽ نڪو اسانجو برهم ڀوج سان
ڪو ڇاهه آهي. اسانکي جيڪا سادي سودي رسوئي
ملي، سا کائي پنهنجو وقت گذاريون."

وزير مهاراجن جا اهي وچن ٻڌي اڃا ڪاوڙ ۾
ڇڙڪيو: "اوهانکي ڪنهنجو ڀپ ڪونهي،
تڏهن اهڙيون ڳالهيون ٿا ڪريو. مون ٻڌو آهي ته
اوهين کتري ٿي سودر جي گهر کائو ٿا ۽ جهڙو ڀوڄن
برهمڻ، کتري ۽ ويش کائي ويا آهن، سو اوهانکي نه
ڀيو وڻي. اهي سڀ ڳالهيون ڀمت ڀرئي جون آهن."

گورو صاحب چوڻ لڳا ته "ملڪ! جڏهن
تنهنجي سڪ آهي ته ڀلا گهراءِ پنهنجا ڀوڄن جي اڄ
تنهنجي ڀنڊاري ۾ تيار ٿيا هئا." اوڏي مهل صاحبن
ڀائي لعلوءَ کي ڀڻ چيو ته "پيارا، تو وٽ ڪجهه رکيو
هجي ته اهو به کڻي اچ." ڀائي لعلو ڊوڙي هڪ ٽڪر
ڀڳي جو کڻي آيو. هڏانهن جڏهين ملڪ ڀاڳوءَ پنهنجا
مالپڙا، ڀورسون، پڪوان، مهن ٿال ۽ ڀون مٺايون
گهرايون، تڏهن گورو صاحبن ساڄي هٿ ۾ ڪما مالپڙا
۽ پڪوان ۽ کٻي هٿ ۾ ڪهون ڀائي لعلوءَ وارو ٽڪر

ڪونه رکون. پوءِ ملڪ اسانکي ڇو ٿو ماڻهو موڪلي؟"

برهمڻ اهو جواب ٻڌي جلد ملڪ ڀاڳوءَ وٽ آيو ۽ اچي کيس چيائين ته "سائين! هو ته اوهانکي آخر ۾ ڪونه ٿو آڻي. چوي ٿو ته مان ملڪ کي سڃاڻان ئي ڪونه. پوءِ ڇو وٽس هلان؟ سائين، هو بلڪل هٺيلو آهي ۽ اوهانجي ڪوٺائڻ تي اچڻ وارو نه آهي. آئينده اوهانجي جيڪا مرضي هجي تئين ڪريو."

ملڪ ڀاڳو هيڪڙو ته اڳيئي باهه ٿيو ويٺو هو ۽ باقي چغل برهمڻ جا لفظ ٻڌي هيڪاري اچي تتو ۽ چوڻ لڳو ته "تون هينئر ئي وڃي کيس وٺي اچ نه ته گهڻا ماڻهو پاڻ سان وٺي کيس زوريءَ هٿي وٺي اچ."

برهمڻ ٻيا پنج ماڻهو ساڻ ڪري اوڏانهن ويو ۽ ٻاهر بيهي پڪارڻ لڳو، جنهنتي سوامي جن ٻاهر آيا. برهمڻ چوڻ لڳو ته "ملڪ صاحب ڏاڍو ڪاوڙيو آهي. هينئر پنهنجو ڀلو سمجهيو ته اسان سان هلو نه ته هو سپاهي موڪلي توهانکي پاڻوٽ گهرائيندو."

صاحب برهمڻ جي گفتگو ٻڌي مرڪي ساڻس گڏجي ملڪ ڀاڳوءَ ڏانهن ويا ۽ ڀائي لعلو به پٺيان ڪانئيندو سندن پٺيان ويو. شهر جا ماڻهو، جن ڏٺو ته صاحبن کي ملڪ پاڻ وٽ گهرايو آهي، سي به روئنشي ڏسڻ لاءِ سندن پٺيان ملڪ جي بنگلي تي ويا.

صاحبن پهچڻ شرط ملڪ ڀاڳوءَ کان پڇيو ته "اوهين ڇو هر هر اسانکي ماڻهو پيا موڪليو، اوهانجو ڪهڙو

گلي ٻست نه جائيئي، ڇُٽيءَ سچ ڪماءِ
مارڻ پاھه حرام مهه، هوءِ حلال نه جاءِ
نانڪ گلي ڪوڙيئي، ڪوڙو پلئي پاءِ."

[مانجهه کي وار محلا پهلا پؤڙي (٧) سلوڪ (٢)]

"هي ملڪ! پرائو حق کائڻ هندوءَ لاءِ ڳئوءَ جي ماس ۽ مسلمانن لاءِ سوئر جي گوشت برابر آهي. گورو ۽ پير ذمو تڏهين کڻندا، جڏهين هي جيو حرام جو مال نه کائيندو. هي ڀائي! ڳالهين ڪرڻ سان ٻهشت ۾ نه ويندو. فقط سچ جي ڪمائي ڪرڻ سان ئي ڇوٽڪارو ٿيندو. حرام جي کاڌي ۾ مصالحه وجهبو ته اهو کاڌو حلال ٿي نه پوندو. مطلب ته جي رشوت وٺي ڌن ڪٺو ڪبو ۽ پوءِ اُنمان ڪجهه خيرات ۾ ڏبو ته ائين نه سمجهڻ گهرجي ته اهو ڌن قبول ٿيندو يا اها خيرات ڪار ۾ آهي. هي پيارا، ڪوڙين ڳالهين ڪرڻ مان ڪوڙ ئي پلئي پوندو." وري صاحب فرمائڻ لڳا ته:-

"جي رت لڳي ڪپڙئي، جاما هوءِ پليت
جو رت پيوئي ماڻسا، تن ڪئه نرمل چيت؟"

[مانجهه کي وار محلا پهلا پؤڙي (٦) سلوڪ (١)]

"هي ملڪ! جڏهين ڪپڙو رت لڳڻ ڪري پليت ٿيو پوي ته پوءِ جيڪي شخص ماڻهن جو رت ٿا پيئن يعني ماڻهن کان زوريءَ پئسا ڦرين ٿا، تن جو چت وري ڪيئن شُڌ ٿي سگهندو؟"

اهي وچن ٻڌي ملڪ ڀاڳو ڦري اصل ٻيو ٿي پيو.

ڀوڙيءَ جو. اڃا مٿيون ڀهڙي شهن کي زور ڏنائون ته ملڪ جي ڀوڄن مان رت ۽ ڀائي لالوءَ جي ڀوڙيءَ مان کير وهڻ لڳو!

اِهو ڪؤتڪ ڏسي سڀ حاضرين حيرت ۾ پئجي ويا. اِهو ڏيکي هزارين ٻلڪ لکين وعظن کان وڌيڪ اثرائتو هو. گورو صاحب ڀوءِ ملڪ ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳا ”هي ملڪ! تو ماڻهن کي ڀهڙي ڏڻ ڪٿو ڪري هيءُ برهم ڀوڄن تيار ڪيو آهي. جيڪو اِهو ڀوڄن وٺندو، تنهنجا سڀ ڀڄ ناس ٿي ويندا. آبا، جنهنکي سَت هوندي، سو ڪيئن تنهنجو برهم ڀوڄ ورتائيندو؟ جنهنکي جاڻ هوندي، سو ڪيئن پرائو رت پي پنهنجا پاپ ناس ڪندو؟ هيڏانهن ڏس سودر جي گهر جو ڀوڳي ٽڪر، جو هن ٻاڙن جي ڪمائيءَ ڪري تيار ڪيو آهي ۽ جنهنجي ڪاڻ ڪري هردو شڌ ٿئي ٿو. آبا، اهڙي ڀوڄن کي برهم ڀوڄ ڪوٺجي ته جڳائي. تو جو پاپ، ڪوڙ بدوُر ڪري مايا ڪٺي ڪئي آهي ۽ اُن مان لوڪن جي ڏيکاءَ لاءِ يگيه ڪيو آهي، سو اَهڙو آهي جهڙو ڪوُڙ جو پاپ. جنهن مان آخر ڏکيه ڏيڻ وارا ڪندا پيدا ٿيندا ۽ ڪو چڱو ڦل منجهانئس نه نڪرندو.“ گورو صاحب ڀوءِ هيٺيان وچن ملڪ ڀاڳوءَ کي چئي ٻڌايا :-

” حق پرائيا نانڪا، اُس سوُئر اُس گاءِ
گور پير هاما تا ڀري، جا مردار نه کاءِ

جهان لڳو پيو آهي. اوهين ڪين پنهنجو پٽ نه سمجهو؛ هو ته ٻيو اوتار آهي. هنکي سنسار جي ٻڌارڻ جي ڪا لوڙ ڪانهي. هن اوهانجو سارو ڪل تاريو آهي."

ڀائي مرداني جون اهي ڳالهيون ٻڌي صاحبن جي ماتا پتا کي پنهنجي سپتر سان ملڻ جي چاهنا ٿي. راءِ بلار کي به خبر پيئي ته ڀائي مردانو سري گورو نانڪ صاحب جن وٽان آيو آهي، سو هنکي پاٽوت گهرائي صاحبن جو حال احوال پڇائين. ڀائي مرداني راءِ بلار کي چيو ته "سائين! گورو جن ته خدا صاحب جا نُور آهن، هو رڳو سڀني سان پرپور آهن. سڀني وچن سنسار جي ٻنڌنن کان ڇڏائڻ وارا آهن."

راءِ بلار چيو ته "ڀائي مردانا، جي هڪ واري تون مونکي صاحبن جو ديدار ڪرائيندين ته مان هميشه لاءِ تنهنجو شڪرگذار رهندس. تون وڃي کين چئُ ته راءِ اوهانکي ڏاڍو ٿو ياد ڪري؛ چوي ٿو ته "هاڻي مان پيرسن ٿيو آهيان، سو ڪرپا ڪري هڪ واري مونکي ضرور درشن ڏيئي نهال ڪريو." مرداني چيو ته "راءِ صاحب! مان اوهانجو نياپو چشمن سان ڏيندس. اُميد ته گورو صاحب اوهانجو نياپو ٻڌي جلد هتي اچي ويندا."

پوءِ ڀائي مردانو ڀائي ٻالي کي پاڻ سان ڪري ايمنا آباد ۾ اچي پهتو، جتي صاحبن کي سموري حقيقت ڪري ٻڌايائين. گورو صاحب راءِ بلار جو پريم ڀريو سنهو

هو صاحبن جي چرنن تي ڪري پيو ۽ چوڻ لڳو ته ”هي پيارا سنت! اوهان جيڪي فرمايو ٿا، سو سڀ ٺيڪ آهي. مون برابر ساري عمر ڏوهن ۽ پاپن ۾ برباد ڪئي آهي. اوهين ديا پالي مونتي ڪرپا جو هٿ رکو.“ صاحبن هنکي ڪرتار جو اپديش ڏيئي چڱي رستي تي لاتو ۽ پوءِ ڀائي لعلوءَ جي گهر موٽي آيا.

جڏهين صاحبن کي ڪجهه ڏينهن ايمناآباد ۾ رهندي ٿيا تڏهين اُتي جي رهواسين ۾ ستگورن لاءِ اهڙو پريم اُتپن ٿيو، جهڙوڪ چاترڪ پکيءَ جو سوانت بوند لاءِ هوندو آهي. جيڪو ٿن ايندو هو، سو سندن منا منوهر وچن ٻڌي، پنهنجا ڀرم ۽ سنسا دور ڪري ويندو هو.

باب ٻارهون

ڀائي مرداني جو تلونڊيءَ ۾ اچڻ، راءِ بلار جو نياپو ۽ صاحبن جو تلونڊيءَ ۾ اچڻ.

ڀائي مردانو ڳوٺ پهچندئي شرط صاحبن جي گهر ويو، جتي هنکي سموري حال مان واقف ڪيائين. صاحبن جي ماتا پتا، ڀائي مرداني کي ڏوراپو ڏيئي چيو ته ”ابا، تو به نانڪ کي ڪونه سمجهايو ته فقير نه ٿئي؛ اُلٽو تون پاڻ هن سان ٿهي هنجي پٺيان لڳو پيو آهين.“ تنهنتي ڀائي مردانو چوڻ لڳو ته ”مون ۾ ڪهڙي طاقت آهي جو مان کين سمجهايان. هو سرو سمرٿ آهن، مان سندن اڳيان ٻي وس آهيان، هو ساري سنسار کي اپديش ڏين ٿا؛ سندن پٺيان نه فقط مان پر سارو

ملان. ٻيا ڪنهن به پڻ ٻوڙندا اچي ڪوه تي پهتا. صاحب
بلڪل گهٽي ٻوڙيو سان سيئي سان گڏيا. ماتا ترپتا خوش
ٿي پٽ کي سوين آسيسون ڏيون ۽ گلي لڳائي زار زار
رنو. هوءَ پنهنجي سپتر کي انهن چمڙي پيئي جنهن کي
ڪنگال پارس لڌي اُنکي هٿان نه ڇڏيندو آهي. پائي
ڪالوءَ پنهنجي پٽ کي مٿي تي اڻ ڳڙن جو ڦٽو، پيچيءَ
۾ ڪفني ۽ چيلهه ۾ لانگوٽي ڏسي ڏاڍو تپي ويو، پر
پائي لعلو، جو ڏاڍو جوان هو، تنهن پاڻ کي سمجهايو ته
"هي وقت ڪاوڙ جو نه آهي. هنن غم ڪائي وڃڻ
گهرجي. هنکي چت چوٽ ڪري گهر وٺي هلجي ته
چڱو. پوءِ اُلي منا وچن چئي کيس سمجهائبو ته اُميد
ته باز اچي ويندو." اِهو ٻڌي پائي ڪالوءَ صبر ۾ رهيو.
پوءِ پائي لعلوءَ صاحبن جي ويجهو ٿي چوڻ لڳو ته
"نانڪ، جيتوڻيڪ تنهنجي ۽ منهنجي عمر ۾ بلڪل
ٿورو تفاوت آهي، تڏهين به مان تنهنجو چاچو پتا سمان
آهيان، سو منهنجي ڳالهه دل لائي ٻڌ. تنهنجي پرديس
وڃڻ جو ٻڌي تنهنجي ماءُ رات ڏينهن پيئي روئندي
هئي ۽ هنکي نه ڏينهن نه رات کو آرام هو. اڄ توکي
ڏسي هنجي دل بهار تي آهي. تنهنجي پتا جهڪي
توکي ڳالهايو آهي، سو تون وساري ڇڏ. مان توکي پڪ
ٿو ڏيان ته هو توکي اڳتي ڪجهه به نه چوندو- تون ديا
پالي اڳتي پرديس وڃڻ جي نه ڪر ۽ پنهنجي گهر ۾
رهي سيئي سهنڊ اِن کي سڪي ڪر."

پڙي تلونديءَ ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿيا. ڀائي لعلو چوڻ لڳو ته ”اوهان صاحبن هڪ مهني جي رهڻ جو انجام ڪيو هو، سو به اڃا پورو ڪو نه ٿيو آهي. خبر نه آهي ته ڇو مون نماڻي جي جهوپڙي ڇڏي ٿا وڃو. مونکان ڪا خطا ٿي هجي ته مونکي بخش ڪريو. مونکي ته اڃا اوهانکان گهڻو ئي ڪي پرائڻو هو.“ تنهن تي مهاراجن فرمايو ته ”پيارا لعلو! تنهنجي شيوا عجيب آهي. اسين تو مان گهڻو راضي آهيون. اسانکي تو وٽ رهڻ پنجويهه ڏينهن ٿيا آهن. اميد ته ڪنهن ٻئي وقت تو وٽ باقي پنج ڏينهن وري به اچي رهنداسون. اسانجو پريمي ڀڳت راءِ بلار هاڻي اسانکي ياد ٿو ڪري، سو هن وٽ وڃڻ واجب آهي.“

ائين چئي صاحب اٿيا ۽ ڀائي لعلوءَ اکين ۾ پاڻي آڻي پيرين پئي موڪلايو. پوءِ گورو صاحب، ڀائي بالو ۽ ڀائي مردانو ٽيئي پنڌ پيا ۽ ست راتيون مسافري ڪري سک سان اچي تلونديءَ پهتا. هو ڳوٺ جي ٻاهران ڀائي بالي جي پتا ڀائي چندرڀان جي کوه تي اچي سهڙيا ۽ اتي ئي دابو ڪيائون. ڳوٺ جي ڪنهن رهواسيءَ کين ڏٺو، جنهن وڃي ڀائي ڪالوءَ سان اها ڳالهه ڪئي. تنهن تي ڀائي ڪالو پنهنجو ننڍو ڀاءُ ڀائي لعلو پاڻ سان ڪري اچي کوه تي سهڙيو. ماتا ترپتا، جا به پنهنجي پٽ جي وڇوڙي ۾ ڏاڍي تڙفي، سا به تڙ تڪڙ ۾ اوڏانهن ويئي ته جلد هلي پنهنجي مٺي پياري سان

ڏنيون، پر وريو ڪي بہ ڪين، جنھنڪري صبر ڪري ويھي رھيو. پوءِ ڀائي لعلو صاحبن جو چاچو کين سمجھائڻ لڳو، پر ھنجو چوڻ بہ اثرائتو نہ ٿيو. صاحبن پنھنجي چاچي کي ھينيون شبد ٻڌايو، جو جنم ساکيءَ ۾ لکيل آھي. [ڀائي دسمگھہ گمائيءَ جي جنم ساکيءَ مان،]

(١) ڪما ھماري ماتا ڪھيئي، سنتوک ھمارا پتا
ست ھمارا چاچا ڪھئي، جن سنگ منُوئا جتا
سڻ لعلو گڻ ائسا
سگلي لوگ ٻنڌن ڪي ٻانڌي،
سو گڻ ڪھئيءِ ڪئسا (اِک رھاءِ)
(٢) ڀاءِ ڀائي سنگ ھماري، پريم پوُت سو ساچا
ڌيءِ ھماري ڌيرج ٻئي، ائسي سنگ ھم راچا
(٣) سات ھماري سنگ سھيلي، مت ھماري چيلي
اِھو ڪٽنب ھمارا ڪھئي،
ساس ساس سنگ کيلي
(٤) ايڪ اونڪار ھمارا خاوند، جت ھم ٻنت بڻائي
اُسکو تياڳ اور ڪو لاڳي، نانڪ سو دک پائي.


ٽات پرج

”ھي پيارا چاچا، منھنجي ماتا ڪما آھي؛ منھنجو پتا سنتوک آھي. ست تي قائم رھڻ منھنجو چاچو آھي، انھن گڏجي ڪري مون پنھنجو من جيتيو آھي. ڀائي لعلو، سچا گڻ اھي چئجن، پر سنسار جا جيو ڪٽنب جي ٻنڌنن ۾ ٻڌا پيا آھن. ڀيٽي ڪري منھنجو ڀاءُ

ڀائي ڪالوءَ صاحبن کان پڇيو تہ ”پٽ! توکي ڪهڙو ڏک آهي، جنهنڪري تو فقيري ڌارڻ ڪئي آهي؟“ صاحبن جواب ڏنو تہ ”مونکي ڪوبہ ڏک ڪونهي؛ نڪو مون فقيري ڌارڻ ڪئي آهي. مان تہ فقط ڪرتار جي لڙهہ لڳو آهيان. جيڪا پرڀوءَ جي آگيا آهي، تنهن موجب مان ڪريان ٿو.“

اهو جواب ٻڌي ڀائي ڪالوءَ سمجهي ويو تہ هنکي هاڻي گهر ٻار لاءِ ڪو پيار ڪونهي، پر هيئنئر اهڙي نموني ڪجي، جنهنڪري هو سدائين گهر ۾ رهي؛ اسانجي اکين کان پري نہ ٿئي. اهو خيال ڪري صاحبن کي چيائين تہ ”پيارا نانڪ! اسين خوش ٿيا آهيون جو تون پرماتما جي لڙهہ لڳو آهين. پر هاڻي اسانجي مرضي آهي تہ تون گهر ۾ ئي وينو هج؛ جيڪي ڪرڻو هجيئي سو هتي ئي ويهي ڪر. تون سنا سنا پوڄن ڪاءِ؛ اسان کان هڪ گهڙي بہ دور نہ ٿيءُ.“ اهو ٻڌي صاحبن سري راڳ محلا پهلا شبد (٧) اُچاريو، جنهنجو تات پرج آهي تہ بابا، مونکي سنساري متن، کتن؛ سلوڻن پوڄن جي ڪابہ اِڇا نہ آهي. نڪو مونکي عمدين پوشاڪن سان دل آهي. مونکي عمدن گهوڙن تي چڙهڻ جو بہ شوق ڪونهي، نڪو مونکي سندر گهر رهڻ لاءِ کپن. مونکي کپي واهگروءَ جو سچو نام، سو شل مان سديو ڏيان پايان!

ڀائي ڪالوءَ صاحبن کي ٻيون بہ ڪيئن لالچون



بنون مڙيوئي
پينون
مگر
يڪ وڪ، جتاءِ
ڻهن سان گڏ اگهن
جي لحاظ کان

پليمن-٨
۽
پليمن-٨٨

ڪا چيز آهن.
پيولر، سيلف فلنگ
ٽرو مشهوڪ ماڊلن ۾.
هند سڀني اسٽيشنرس
جنرل مرچنٽس
ان ملي سگهنديون.

فرانس
ٽريڊنگ
ڪارپوريشن

٧٧، مغل لين،
اپر مهيم،
بمبئي -١٦.

It's Kirit Pen Products

آهي ۽ پرم مهنجو سچو پٽ آهي. ڌيرج مهنجي ڌيءُ
آهي. مهنجو سچو ڪٽنب اِهو آهي جنهن سان مان
هردم آنند ۾ گذاريان ٿو. مهنجو خاوند هڪ اڪال پورک
آهي، جنهن مهنجو گهاٽ گهڙيو آهي. هنکي ڇڏي
ٻيڪو ٻين کي لڳي ٿو، سو دک پراپت ڪري ٿو."

اِئين چئي ستگورو صبر ۾ رهيا. پاڻي لعلوءَ پنهنجي
پاڻ پاڻي ڪالوءَ کي پاسرو ٿي چيو ته "نانڪ اسانجي
سمجهائڻ جو نه آهي، تنهنڪري صلاح ڀري ڳالهه آهي
ته هنکي راءِ بلار وٽ وٺي هلجي ته مَن هو سمجهائيس."
پوءِ صاحبن کي راءِ بلار وٽ هلڻ لاءِ چيائون. اِهو ٻڌي
صاحب هڪدم تيار ٿيا ۽ سيئي سمبنڌين سان گڏجي
راءِ بلار ڏانهن ويا. واٽ تي ڪئين ماڻهو کين مليا، جي
کين پيرين پيا ۽ ساڻس گڏجي هليا.

راءِ بلار، جو صاحبن جي درسن لاءِ اُٺ ئي پهر پيو
سڪندو هو، تنهنکي خبر پئي ته صاحب مون وٽ
اچن ٿا، سو هڪ ماڻهو پيشوا موڪليائين ته جلد وڃي
گورو جن کي مون وٽ وٺي اچجو. صاحبن جي ڪٽنب
جا ماڻهو ۽ ٻيا رهواسي صاحبن سان گڏ راءِ بلار وٽ آيا.
جنهن وقت صاحب راءِ بلار جي ڪمري ۾ تي گهڙيا
تنهن وقت راءِ بلار، جنهن ٽڪ هيٺائيءَ ڪري اُٿڻ جهڙو
نه هو، تڏهين به گورو جن کي مان ڏيڻ لاءِ اُٿي ڪري
ٿيو ۽ ٻه چار قدم ويجهو آيو، پر صاحبن کيس اچڻ کان
روڪيو. جڏهن گورو صاحب ويجهو ٿيا، تڏهن راءِ بلار کين